# خيرپور جا چوڻيون پهاڪا

# Proverbs & Sayings of Khairpur Mir's


انجنيئر عبدالوهاب سهتو

Engr. Abdul Wahab Sahito



Al Muna'um

المنعم لائبرري لاڙڪاڻو

اپريل ٢٠٠١ع ڌاري، قاسميه لائبريريءَ ۾ سائين محمد ادريس سومرو صاحب، ڪچهري ڪندي ٻڌايو: ”ماستر عبدالرحمان چنا، پيرڳوٺ واري کي اوهان سان ملڻ جو ڏاڍو شوق آهي! مون کان اوهان جي لاڙڪاڻي واري ايڊريس گهريائين. مون وٽ ڪانه هئي، تنهنڪري ڪانه ڏنيمانس!“

”پر! مان ته ڪيس سڃاڻان ئي ڪونه!“ حيرت مان ورندي ڏنيمانس.

”هتي آيو هيو!“ سائينءَ ڳالهه کي اڳتي ڪندي ٻڌايو: ”کيس پهاڪن وغيره گڏ ڪرڻ جو ڏاڍو شوق آهي. گڏ به ڪيا اٿائين! اوهان جي شوق بابت کيس ٻڌايم ته ملاقات ڪرڻ لاءِ اشتياق ڏيکاريائين. ايڊريس به طلب ڪيائين. مون وٽ نه هئڻ جي ڪري، پنهنجي ايڊريس ڏئي ويو آهي.“

سائينءَ سندس ايڊريس ڏيندي تاڪيد ڪيو: ”لاڙڪاڻي پهچي کيس خط ضرور لکجو!“

لاڙڪاڻي پهچي، حڪم جي تعميل ڪيم. سنت ئي جواب پهتو. ملاقات ڪرڻ لاءِ دعوت ڏني هئائين.

خط و ڪتابت هلندي رهي. هر خط ۾ ملاقات ڪرڻ لاءِ دعوت ۽ ڇپيل ڪتابن بابت معلومات پڇي ڪيائين. انهيءَ دوران، ڪهاڻين جو ڇپيل مجموعو: هٿ جي وڍي، کيس موڪليم. پڙهڻ پڄاڻان، ڪتاب جي تعريف به ڪيائين ۽ پهاڪن/ چوڻين جي ڪتاب جي تقاضا به ڪيائين. پهاڪن بابت ڪو به ڪتاب ڇپيل صورت ۾ موجود نه هئو، جنهنڪري کيس موڪلي نه سگهيس.

جون ٢٠٠١ع جي شروعاتي تاريخن ۾، رتيديري مان فون آئي. ڳالهائيندڙ بنا تعارف ڪرائڻ جي چيو: ”اوهان سان عبدالرحمان چنا صاحب ڳالهائڻ چاهي ٿو.“

”ملايو!“ کيس چيم.

”ڪراڙپ ۽ ضعف اٿم“ عليڪ سليڪ کان پوءِ عبدالرحمان چنا صاحب فون تي چوڻ لڳو، ”ايڏانهن اچي نه ٿو سگهان، هتي ويجهو پهتو آهيان. ضرور ٿي وڃو.“

رتوديرو، منهنجي حد نه هئي. فرصت به ڪانه هئي. تنهنڪري وڃي نه سگهيس.

جولاءِ ڌاران فون ڪيائين: ”مان مڙهو، پاڻ ڪٺائي لاڙڪاڻي اچان ٿو، ڪٿي ملندئو!“ گهر جي ايڊريس ڏئي چيو مانس: ”اتي واري آفيس ۾ احمد علي مگسيءَ وٽ پهچو.“ ساڻس ملاقات ۽ مانيءَ لاءِ هڪ ڪلاڪ، ٽين ڪان ڇئين تائين، نڪري سگهيو. روبرو پهرين ملاقات هئي. ڪهچري به ٿي ۽ پهاڪن /چوڻين جي لغت وارو قلمي مسودو به کيس ڏيکاري سگهيس. ڏسڻ بعد چيائين: ”اکر تمام سنها آهن. فوٽو اسٽيٽ ۾ چٽا نه ايندا. نه ته جيڪر فوٽو ڪاپي ڪرائي ڪٽي وڃان ها. افسوس! عمر جي آخري حصي ۾ نظر چٽي ناهي.“

اسي سالن جي عمر هئڻ جي باوجود بنا چشمي جي هليو چليو پئي. ڄنگهه ۾ تورو لڳُ هيس، جنهنڪري هلڻ ۾ تڪليف هيس.

خيالن جي ڏي وٺ دوران خبر پئي ته پاڻ به ڪي ڪتاب سهيڙيا اٿائين، جيڪي ڇپجي نه سگهيا اٿس. ڏسڻ جي خواهش ڏيکاريمانس ته خوش به ٿيو ۽ دعوت ڏيندي چيائين: ”اوهان منهنجي محنت جو معائنو ضرور ڪيو. ان لاءِ وقت به ڪيو! ڪي ٻه چار راتون مون وٽ هلي ڪنگريءَ ۾ رهو. منهنجي دعوت به قبول ڪيو.“

”ايڏو وقت ڪيڻ مشڪل آهي!“ ڪيس پنهنجي مجبوري ظاهر ڪندي ٻڌايم: ”باقي جڏهن هاڻي ٻيهر پير ڳوٺ وڃو ته هٿ وارا قلمي نسخا ضرور کڻي اچجو. رتيديري ۾ ئي ڏسي وٺندا سين.“

ان لاءِ آماده ٿيو ۽ موڪلائي هليو ويو.

ڏهن ڏينهن کان پوءِ رتيديري فون ڪيم. سندس پاٽنيي محمد يوسف کنئي. تعارف ڪرايومانس ته يڪدم سهڪندي ٻڌايائين: ”چاچا ڪي اوهان سان ملڻ جو ڏاڍو شوق هيو. ڪتابن جو بورٽو به پير ڳوٺ مان کڻي آيو هيو. اوهان کي فون ڪرڻ لاءِ آياسين پئي ته اوچتو دل ۾ سور پيس. پنج منٽ ٿيا جو ٽيڪسي ڪري ڪيس سکر موڪليو اٿم. اتي مهنجو پاٽنيو محمد رمضان چنا ڊاڪٽر آهي، ان جي دوا لڳندي اٿس. شام تائين جيڪو احوال مليو، اوهان کي ٻڌائينداسين!“

ٻه ڏينهن رکي ٽيپو لائبريري ڪنگريءَ واري سرنامي تي خط لکيو مانس. موٽ ۾ فون ڪيائين.

ٻيهر فون ڪيم ته سندس پاٽنين ٻڌايو: ”چاچي جي آخري خواهش آهي ته اوهان مولوي محمد ادريس سان گڏجي هڪ رات لاءِ پير ڳوٺ اچو! اوهان کي اکين سان ڏسڻ چاهي ٿو ۽ ڪچهري ڪرڻ گهري ٿو.“

سائين ادريس صاحب سان ڪنڌيارو رابطو ڪيم، رتيديري ۾ محمد يوسف سان ۽ سکر ۾ ڊاڪٽر محمد رمضان چنا سان پڻ رابطو ٿيو.

پروگرام طئي ڪري، ٻئي ڏينهن شام جو سکر پهچاسين. سائين ادريس صاحب نه ملي سگهيو. وڏيڪ نه ترسياسين ۽ نڪري پيا سين. رات ڏاري پير ڳوٺ پهتاسين. محترم عزيزالله بروهي صاحب، جنهن جو ڪتاب خالق جون سائنسي ڪاريگريون به ڇپيل آهي، رات جي نماز تي موجود هيو. ساڻس محمد پور اوڊو ۾ ملاقات پڻ ٿيل هئي. جتي خبر پئي ته سائين عبدالرحمان چنا صاحب جو اصل ڳوٺ به محمد پور اوڊو، تعلقو ڳڙهي خيرو، ضلعو جيڪب آباد هيو. مانيءَ بعد عزيزالله صاحب ته آرامي ٿيو. يارهين ڌاري سائين ادريس صاحب سکر مان ٽيڪسي ڪرائي پهتو. اڌ منو ڪلاڪ گڏيل ڪچهري هلي. بعد ۾ سائين عبدالرحمٰن چنا صاحب سان رات جو ٽين بجي تائين نويڪلي ڪچهري هلي ۽ سندس هٿ لکيل ڪتابن تي ٽيڪاٽپڻي پڻ ٿي.

ساڍين پنجين بجي فجر نماز لاءِ اٿيا سين. چانهه پيتيسين. لائبريري ڏسڻ لاءِ زور پريائين. جيڪا گهر جي ڪوٺ ۾ هئي. پردو ڪرائڻ پڄاڻان، اندر وياسين. ڇهين ڌاري چانهن پي موڪلايوسين. سائين ادريس صاحب سڌو خيرپور ويو. اسان رتيديري پهتاسين جتان ويگن ۾ لاڙڪاڻي اچي پهتم.

هفتي کان پوءِ جمعي جي صبح جو ڇهين بجي ڌاري، رتيديري کان محمد يوسف فون ڪئي: ”چاچو عبدالرحمان چنه صاحب خدا تعالي کي پيارو ٿي ويو آهي. اناالله وانا اليه راجعون، جمعي نماز کان اڳ جنازي نماز ٿيندي. اوهان کي اطلاع هجي.“

افسوس! عدم فرصت سبب وجي نه سگهيس. سندس ياد کي تازو ڪرڻ لاءِ، سندس ئي چوڻين واري نوٽ بوڪ تان ڪجھ چوڻيون ۽ پهاڪا الفابيٽ ترتيب ڏئي پڙهندڙن جي دلچسپيءَ لاءِ پيش ڪجن ٿا.

### ١. آگرين کي بہ سَنڌ آهن. (پهاڪو)

آگر، جسم جو ننڍو عضوو هئڻ جي باوجود بہ اجا وڌيڪ حصن ۾ ورهايل آهي. اهو ان لاءِ تہ منجهانئس اجا گهڻا فائدا حاصل ڪري سگهجن. هڪ حصو، گهڻن متحد جزن ۾ ورهايل هجي يا گهڻا جزا متحد ٿي ڪا اڪائي ناهين تہ منجهانئن ڪيترائي فائدا حاصل ڪري سگهجن ٿا.

هڪ گهر ۾ مختلف طبيعتن جا ياتي رهندا آهن. جيڪڏهن هر هڪ پنهنجي طبعيت آهر، مختلف ڪم پاڻ تي ورهائي ڪٽي ۽ سر انجام ڏئي تہ گهر جنت ٿي سگهي ٿو.

مطلب:

(١) اتفاق ۾ برڪت آهي.

(٢) سيئي اگريون پاڻ ۾ برابر ناهن.

(٣) سمورا پائر، طبيعتاً هڪجهڙا نہ هوندا آهن

### ٢. ابو اما، لاطمع. (چوڻي)

دنيا ۾ ابي ۽ امڙ جو واحد رشتو آهي، جنهن تحت اهي بنا لالچ ۽ لوڀ جي ٻچڙي کي پالين، نپائين ۽ تاتي وڏو ڪن ٿا. متس ڪوسو واءُ بہ نہ ٿا سهن. پنهنجي پاڻ کي تڪليف ۾ وجهن ٿا پر ٻچڙي جي هر لحاظ کان حفاظت ڪن ٿا. سندن پيار ۾ ڪو ريب فريب يا نڱي ناهي.

مطلب:

(١) والدين، اولاد سان اڻ ميو پيار ڪن ٿا.

(٢) لالچ رکي، ماءُ پيءُ نہ پاليندا آهن.

(٣) ماءُ پيءُ، اولاد ۾ لالچ نہ رکندو.

پيٽو: اما ابو، بي لبو.

### ٣. ابي ڏاڏي ڪار، نا ڇڏجي ناڪئا! (چوڻي)

وڏن جي ڏنڌي / ڪِرت کي ڇڏڻ بجاءِ، اڳتي وڌائڻ گهرجي. ڇو جو وڏڙا تجربي ۽ مشاهدي، واسطيداريءَ ۽ ڏيٺ ويٺ سبب، مددگار پڻ ٿي سگهندا. جنهن ڪم ۾ وڏڙن جي مدد شامل هوندي آهي، ان ۾ رب پاڪ بہ مدد ڪندو آهي. وڏڙن جي رستي کان هٽي ڪيل ڪم ۾ رب طرفان ڪا بہ مدد شامل نہ هوندي آهي. منجهس نقصان

پوڻ جا انديشا گهٽا هوندا آهن.

مطلب:

(١) وڏن جو ادب ڪجي ۽ سندن چوڻ تي هلجي.

### ۴. اتر جو ڏڳو، لاڙ جو ماڙهو. (چوٽي)

اتر وارا هن ڪهاوت جو مطلب هڪڙو تا ڪين ته لاڙ وارا بيو. اترادين جو چوڻ آهي: اتر جي ڏڳي ۾ لاڙي ماڻهوءَ جيترو عقل آهي. لاڙ وارن جو چوڻ آهي: اتر ۾ رهندڙ، ڏڳي وانگر جسماني طرح طاقتور ۽ ويڙهاڪ آهن پر عقل ۾ گهٽ آهن. سندن پيٽ ۾، لاڙ ۾ ماڻهو تا رهن.

هيءَ چوٽي فقط پنهنجي فوقيت ڏيکارڻ لاءِ بنهي ڌرين ۾ مشهور آهي.

مطلب:

(١) چٽر جي طور تي ڪتب ايندڙ ڪهاوت آهي.

(٢) لاڙي، ترادي ڏڳي وانگر، ٿاڦڙ هوندا آهن.

### ۵. اڄ جو ٻار آئنده جو استاد. (چوٽي)

هر ماڻهو، ماءُ جي پيٽان، ٻار جي صورت ۾ جمي ٿو. جسماني طرح توڙي دماغي طرح، ڪمزور هوندو آهي. آهستي آهستي عقل ۽ علم جون منزلون طئي ڪري ٿو. حتيٰ ڪ جيڪو اڄ شاگرد آهي، اهو مستقبل ۾، استادن جي خالي ڪيل جاءِ پُر ڪري ٿو.

مطلب:

(١) اڄ جي ٻار کي آئنده جو استاد سمجهي، سندس تربيت ۽ ورتاءُ ڪرڻ گهرجي.

(٢) ٻار جي اخلاق تي توجه ڏيڻ، ايندڙ نسل جي اخلاق تي توجه ڏيڻ آهي.

(3) Child is the father of man.

### ٦. اڄ جي ڳٽتي، اڄ تائين. (چوٽي)

روزي رزق، هر هڪ کي، رب رسائي ٿو. انهيءَ جي رسد لاءِ هڪڙو قانون مقرر ڪيل آهي. ان قانون تحت،انسان کي فقط لوچڻو آهي. روزي رزق، زمين ۾ پکيڙي ڇڏيو اٿائين. چڳڻ لاءِ چنهنب ۽ لوچڻ لاءِ جنگهون ٻانهون ڏنيون اٿائين. هتن جا پورهيا، اڄ جي ڏينهن لاءِ ڪرڻ گهرجن. چو جو سڀاڻي وري روزي، رب ٻئي هنڌان ڏيندو.

مطلب:

(١) مستقبل ۾ اولاد جي آئنده لاءِ ڳڻتي ڪرڻ کان بهتر آهي تہ محنت ڪري اجوڪو ڏينهن چڱو گذارجي. ائين ڪرڻ سان، اڳتي تڪليف نہ ايندي.

(٢) اٺ وانگر اڳتي ڏسبو ۽ پيرن ۾ نہ نهاربو تہ پوءِ ٿيڙ ئي کائبا.

(٣) اڄ جو ڪم، سڀاڻي تہ نہ رکجي.

### ٧. اڄ عيد، سڀان غيد، پرينهن پڇيءَ جا پيالا. (پهاڪو)

عيد، بمشابہ خوشيءَ جي آهي. دنيا جي خوشي دائمي ناهي. دنيا ۾ نہ خوشي سدائين رهي ٿي ۽ نہ وري غم. دنيا جي حياتيءَ ۾، غم ۽ خوشي، ٻئي گڏوگڏ هلن ٿا. ان ڪري سدا لاءِ خوشي خريد ڪرڻ جا خواب نہ ڏسڻ گهرجن. نہ ئي وري غم اچڻ تي نااميد ٿي ويهي رهجي. البتہ چڱي جي اميد رکي، اڳتي وڌڻ گهرجي.

مطلب:

(١) اڄ عيد، سڀان غيد، پرينهن ساڳيا ٽڪر ساڳ سان.

(٢) اجوڪو ڏينهن ڪالهہ جهڙو ناهي، سڀاڻڪو ڏينهن اڄ جهڙو ناهي.

(٣) اجوڪو ڏينهن بہ گذري ويندو.

### ٨. اڇي ڪپڙي تي داغ ، جلد چڙهي. (پهاڪو)

داغ، چُٽو، نشان تڏهن عيان نظر ايندو آهي، جڏهن متضاد رنگ جي مٿان ٿيل هوندو آهي، جيئن اڇي تي ڪارو لڪڻ، چٽو نظر ايندو آهي. اهڙيءَ طرح اشراف، غلط ڪم ڪندو تہ پڌري پٽ هر هڪ کي نظر ايندو. بدمعاش کو چڱو ڪم ڪندو تہ بہ هر هڪ جي اک تي چڙهي بيهي رهندو. شريف ماڻهوءَ کي گهرجي تہ داغدار ڪن ماحول کان پاسو ڪري. ورنہ جلد بدناموسيءَ جي دلدل ۾ ڦاسي ويندو.

مطلب:

(١) مينهن کي ئي ڳئونءَ جو پڇ ڪارو نظر ايندو آهي.

(٢) شريف ماڻهوءَ جو عيب، هر ڪنهن کي نظر ايندو آهي.

(٣) بدمعاش جي چڱائي بہ هر ڪو پيو واڪاڻيندو آهي.

### ٩. ارهہ زوارئي ڪرڻ، ڪير ۾ موري وجهڻ. (چوٽي)

ڪير ۾ موري وجهبي تہ ڪير ڦٽي ويندو ۽ پيئڻ جي قابل نہ رهندو. اهڙيءَ طرح ٻين سان ڏاڍائي ڪرڻ وارو بہ ماڻهن جي نظرن ۾ جلد اهميت وڃائي ويهي ٿو. ڪير بہ ڪيس چڱيءَ نظر سان نہ ٿو ڏسي ۽ عام ماڻهن

جي نظرن ۾ ڪرڻ کان پوءِ يڪدم اڪيلو ٿيو وڃي ۽ مايوسيءَ جي ڄار ۾ ڦاسي، ڦٿڪي ساھ ڏئي ٿو.

مطلب:

(١) ظلم قائم آهي، ظالم قائم ناهي.

(٢) ڏاڍائي ڪرڻ سان، سٽريل معاملا بہ بگڙجندا آهن.

(٣) مظلومن سان ڏاڍائي نہ ڪجي.

(۴) لا تَظلِمُون، وَلا تُظلَمُونَ.

## ١٠. استاد، ماءُ پيءُ بجاءِ. ( چوٽي)

ماءُ پيءُ، جڻي هيءُ جهان ڏيکارين ٿا. استاد جي ذريعي علم جي اڪ عطا ٿئي ٿي، جنهن سان ڪتابن جو علم حاصل ٿئي ٿو ۽ دنيا جا راز کُلن ۽ معلوم ٿين ٿا. علم حاصل ڪرڻ کان پوءِ، دماغ جا طبقا / ڪُپاٽ کلن ٿا ۽ زندگي گهارڻ آسان ٿيو وڃي.

مطلب:

(١) والدين جو احسان آهي، جسماني طرح جڻڻ. جڏهن تہ استاد جو احسان آهي، روحاني طرح پروان چاڙهڻ.

(٢) استاد جو ادب، دل و جان سان ڪجي.

(٣) ماءُ پيءُ عرش تان فرش تي رسائين ٿا. استاد فرش تان کڻي عرش تي رسائي ٿو.

## ١١. اصل کان خطا نہ ٿيندي، بد اصل کان وفا نہ ٿيندي. (چوٽي)

اصل، ٻٽيائتو ماڻهو، هر قدم ڦوڪي ڪٽندو آهي. هر عام خاص سان سهٽو ورتاءُ رکندو آهي. لالچ ۾ پئي ٻئي مان مطلب سَرِ ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪندو آهي. بدمعاش / لچ، هميشہ مطلب حاصل ڪرڻ جي پويان هوندو آهي. وتس شناس ۽ سڃاڻپ جي اک نہ هندي آهي. جڏهن بہ موقعو ملندس، ڪوچرائپ ڪندي دير نہ ڪندو.

مطلب:

(١) اشرف مهل نہ وڃائيندو. بدمعاش مهل تي ڏک پٽيندو.

(٢) خانداني ماڻهو دوکو نہ ڏيندو ۽ ڪميڻي مان چڱائي ڪين ٿيندي.

## ١٢. اڪ لهي لڪ، نر لهي نيل، پپل لهي پدم، ٻڙ جي ٻها ئي ڪانهي. (چوٽي)

خدا پاڪ دنيا ۾ ڪا بہ شيءِ بيڪار/ بي سود ۽ اجائي نہ خلقي آهي. هر هڪ مان ڪونہ ڪو ڪارج ضرور ٿئي ٿو . انسان ۽ جنّ کي فقط پنهنجي عبادت لاءِ خلقيو اٿائين . جڏهن تہ ٻي ساري مخلوق انسان جي فائدي

ڪاڻ خلقيل آهي ۽ انهيءَ ڪي انسان آڏو مسخر ۽ مطيع بہ ڪيو ويو آهي.

اڪ، نم، پپر ۽ ٻڙ وغيره ۾ بہ انسان لاءِ فائدو رکيو ويو آهي. حڪيم ۽ طبيب، ماهر ۽ ڄاڻو، ڪن مرضن جو علاج جڙي ٻوٽين ذريعي ڪن ٿا. جنهن سان انسان کي قيمتي فائدو پهچي ٿو.

مطلب:

(۱) ڪابہ شيءِ بيڪار پيدا نہ ڪئي وئي آهي.

(۲) هر ڪنهن شيءِ ۾ ڪا نہ ڪا خاصيت / خوبي ضرور آهي.

۱۳. اک ۾ وَرُ، ٻار ۾ وَرُ. (چوڻي)

ٻار، ناتجربيڪار ۽ غير آزمودگار هئڻ سبب، صحيح فيصلا نہ ڪري سگهندو آهي. ڪيس صحيح دڳ لائڻ لاءِ، والدين جي رهنمائيءَ جي هر وقت ضرورت رهندي آهي.

انساني سڀاءَ ۾ ڪم ڪرڻ جي صلاحيت رکيل آهي. ڪم هجي نہ هجي، ضرورت هجي نہ هجي پر ماڻهوءَ جو هٿ چرپر ۾ ضرور رهي ٿو. ائين فطري طور تي آهي. ان فطري چرپر کي ، ڪارآمد بنائڻ لاءِ دماغ ۽ سوچ جي ضرورت آهي. ٻار وٽ اها گهٽ هوندي آهي. والدين کي مٿس ڪَرڙي نظر رکڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪيس اک ۾ نہ رکندا تہ لامحالہ سندس اُڏرڻ جا ذميوار بہ خود ئي هوندا.

مطلب:

(۱) ٻار، مچ جو وار . جيئن وار، تيئن وري .

(۲) ٻار تي نظر نہ رکبي تہ اُڏري ويندو.

۱۴. اڳيان پي، پويان سور. (چوڻي)

مرد کي لاڳيتين چئن شادين ڪرڻ تائين اختيار مليل آهي، جڏهن تہ عورت کي نہ آهي. چو جو مرد وري بہ چئن عورت سان وقت گذاري ويندو. جڏهن تہ عورت ويچاري هڪڙي مرد ڪان ٽُٽڻ بعد جڏهن ٻئي وٽ پهچي ٿي تہ سندس مقام اهو نہ ٿو رهي. احساسِ ڪمتريءَ ۾ مبتلا ٿي ويندي آهي. ڪيس پهريون مڙس، مڙس ۽ پويون مڙس، سور ئي سور نظر ايندو آهي.

مطلب:

(۱) عورت لاءِ مڙس پهريون ، پويون رڳو سور.

(۲) ور تہ پهريون ور، ٻيو آهي ڪارنهن جو نڪر.

(۳) ٻئي مڙس واري سدائين چوندي: ”هاءِ ! پهريان مڙس!“

### ١٥.	اما ابو، بي لبو. (چوٽي)

لب ۽ لالچ مائٽ/ والدين نہ رکندا آهن. نہ ئي لالچ رکي پاليندا آهن ۽ نہ ئي وري لالچ رکي پاڙهيندا آهن. جيڪڏهن نہ پڙهڻ تان مار / مهميز بہ ڏيندا آهن تہ اها بہ اولاد جي ڀلي لاءِ تہ جيئن پڙهي پنهنجي پيرن تي بيهي ۽ مستقبل ۾ جڏهن پاڻ هن دنيا ۾ نہ هوندا، تڏهن ٻين جو محتاج نہ ٿئي.

مطلب:

(١) والدين، اولاد کي غرض خاطر نہ بلڪ آسيس ۽ خوشيءَ خاطر پالي وڏو ڪندا آهن.

(٢) ٻچن کي پالڻ يا ساڻن مٺا ڪٿا ڏيڻ ۾ ئي والدين کي آنند / سرور ايندو آهي.

پيٽيو: ابو اما، لا طمع

### ١٦.	اميد واري وٽان، نااميد نہ ٿبو آهي. نا اميد واري وٽان، اميدون پوريون نہ ٿينديون آهن. (چوٽي)

اميدون پوريون ڪرڻ واري ذات، فقط الله ﷻ جي آهي. انسان ويچارو تہ پاڻ ئي محتاج آهي. اهو ڪٿان اميدون پوريون ڪندو؟ انسانن ۾ اميد رکڻ احمقائپ آهي. رب جي رحمت مان نا اميد ٿيڻ، چسائپ ۽ ڪفر آهي. ماڻهو هڪ دفعو ڏيندا، ٻہ دفعا ڏيندا، پر سدائين لاءِ نہ ڏيندا. رب ستار آهي، ڏئي نہ پڇاريندو آهي. نہ گهرڻ تي ناراض ٿيندو آهي.

مطلب:

(١) نہ انسانن ۾ اميد رکجي ۽ نہ رب جي رحمت مان نا اميد ٿجي.

(٢) چڱي مان چڱائي ٿيندي، مَدي مان گذا نہ ٿيندي.

پيٽيو: اصل کان خطا نہ ٿيندي، بداصل کان وفا نہ ٿيندي.

### ١٧.	اڻ گهريئي ملي تہ کير، گهرئي ملي تہ نير ، ظلم سان ملي تہ خنزير. (چوٽي)

دنيا جي تختي تي موڪلڻ کان اڳ ، هر ماڻهوءَ جو نصيب لکو ويو آهي. ڪيس نصيب آهر هر شيءِ ملي ٿي، صبر سان ڪيس، حلال تي ملي ٿي. جڏهن تہ تڪڙ ڪري حآصل ڪرڻ سان، حرام ٿيو وڃيس. بنا گهرڻ جي ۽ صبر سان مليل شيءِ، کير وانگر لذيذ ۽ لذت واري هوندي آهي. گهري ورتل يا ابهرائپ سان حاصل ڪيل پاڻيءَ وانگر آهي. ڇني / ڦُري ورتل، سوئر جي گوشت وانگر حرام آهي.

مطلب:

(١) حاصل ڪرڻ لاءِ صبر کان ڪم وٺجي.

(٢) رضا سان چڙهي آيل ٻوٽي نہ ڇڏجي .

(۳) اڻ مانگئي ملي تہ کير، مانگئي ملي تہ نير، قريي ملي تہ خنزير.

(۴) جو هان کري اس کو چوڙو نهين، جو نان کري اس کو چيڙو نهين (اردو)

### .۱۸ اوڌر جي ٻيڻا ٻہ ٻَڻ پون. (چوڻي)

قرض (اوڌر) وٺڻ سولو، موٽائڻ ڏکيو آهي. پئسا وني خرچڻ / کپائڻ آسان کم آهي، جڏهن تہ پورهيا کري / پئسا موٽائڻ ڏکيو کم آهي. آسانيءَ سان پئسا مڙندا ناهن جو قرض لاهي ونجي. موٽائڻ ۾ دير سبب، دوستيون ۽ ياريون، مٽيون ۽ مائٽيون، شڪ جي نظر تي، ٽُٽي ڦِٽي ۽ اهنج و اهنج تي ويندبون آهن.

مطلب:

(۱) اوڌر وٺڻ يا قرض کڻڻ کان هميشہ پاسو کجي، پنهنجي سوتي پوتي کمائيءَ مان گذر کرڻ ۾ ئي سک آهي.

(۲) اڌار، محبت لاءِ قينچي.

(۴) قرض، آ مرض.

### .۱۹ اهو پاڙهيو ئي کڏِ پوي، جو چورا کاري. (پهاڪو)

پاڙهيو، پاڙهيندڙ / استاد / رهبر، تعليم ڏيڻ يا سيکارڻ لاءِ رکبو آهي. جيکو پڙهائڻ بجاءِ، ٻار کاري تنهن جي پڙهائڻ کان پيڻگ پلي آهي.

جڏهن کو ماڻهو منزل مقصود جي رستي تي راهي ٿيڻ بجاءِ ٻي راهہ روي کندو آهي تہ ٻين کي پڻ گمراهہ کندو آهي. ان مان وڏا نقصان ٿيندا آهن. اهڙيءَ صورتحال ۾ سندس پيروي نہ کجي.

مطلب:

(۱) اهو سون ئي گهوريو، جو کن چني.

(۲) گنئَرَ پنهنجو تہ هاري، ٻيءَ کي بہ کاري.

### .۲۰ اهي ڳري کين ڳرن، جي قائم رهن کير سان. (چوڻي)

پٽر/ پاتال ۾ مضبوطيءَ سان پکڙڻ لاءِ کوڙيل لوهي سيخ کي کير کونبو آهي. جنڊ جي هيٺئين پڙ ۾ لڳل اپي سيخ، مٿئين پڙ کي هڪ هنڌ قائم رکڻ لاءِ لڳندي آهي. ارڏن گهوڙن کي ٿانيکو کرڻ لاءِ لوهي کل / کير زمين ۾ کوڙٽو پوندو آهي. وڏ ماڙ جاين جو وزن لوهہ، سيمينٽ ۽ کانکريٽ ذريعي جڙيل پلرن ۽ کيرن جي مدد سان، سخت زمين تائين منتقل کيو ويندو آهي. اهڙيون جايون جلد نہ ويندبون آهن.

مطلب:

(۱) جن جو ڳانڍاپو، طاقت وارن سان آهي، تن کي ڏوڏڻ پڻ ڏکيو آهي.

(۲) جنهن جو ڪيرو قائم، تنهن کي نه پئو نه پولو.

(۳) وچ، ڪڏندي آهي ڪير آهر.

### ۲۱. بختاور سو، جنهن جي گھر مهمان آيو. (چوڻي)

مهمان، بخت جي نشاني آهي ۽ پنهنجي روزي پاڻ کڻي ايندو آهي. سندس صدقي آيل روزيءَ / روٽيءَ مان ميزبان به کائيندا آهن. جن جي در تي ڪتو به نه ٿو لڙي، سي آخر بکون ڪاٽين ٿا. ڪتو به، سڪيئي ستابي ۽ سخيءَ جي در تي اچي ڪرندو آهي. مهمان  ته وري به عزت وارا هوندا آهن ۽ عزت وارن وٽ ئي لڙي ايندا آهن.

مطلب:

(۱) مهمان جي اچڻ سان ، بخت به اچي ٿو.

(۲) مهمان ، بختاورن ڏي ايندا آهن.

### ۲۲. بزدلي، غربت جي پيڻ. (چوڻي)

غريب ماڻهو، هر ڪم ۾ هٿ وجهڻ کان پيو لهرائيندو آهي. جڏهن ته دنيا ۾ فائدو ان کي حاصل ٿيندو آهي، جيڪو دل جهلي ڪم ۾ هٿ وجهندو آهي. غريب ماڻهو، سچآئيءَ جي ڪري ۽ نقصان جي انديشن / انومانن سبب، ڪنهن به مهم ۾ هٿ نه وجهندو آهي. انهيءَ بزدليءَ سبب، غربت جي دلدل ۾ ڏينهون ڏينهن ڌڪبو ويندو آهي.

مطلب:

(۱) امير، پئسي جي ڍَو / ٻَلَ تي وڏن جوکم جهڙن ڪمن ۾ هٿ وجهندي ڪين ڪيٻائيندو ۽ غريب ٻُڏي پيو تهندو.

(۲) سجو، ڊڄڻو ٿيندو آهي.

(۳) غريب جي ماءُ، رَنَ آهي.

### ۲۳. بندو اپاءُ ڪري، ڏٽي شفاء ڪري. (پهاڪو)

هر شيءِ جو خالق ۽ مالڪ الله آهي. بيماري به پاڻ خلقي اٿائين ته علاج به پاڻ ئو جاڻي. بيماري جنهن شيءِ سان لهي ٿي، ان ۾ به اها خاصيت پاڻ رکي اٿائين. ٻانهي جو ڪم آهي فقط اپاءُ وٺڻ، منجهانئن فائدا / نقصان، رب جي مرضيءَ ۽ حڪمت تحت ٿين ٿا. نتيجا انسان جي اختيار ۾ ناهن. سندس هٿ وس فقط رحمت فرمايل وسيلا استعمال ڪرڻ آهي.

مطلب:

(١) علاج ڪرڻ ٻانهي جو ڪم، شفا ڏيڻ مالڪ جو ڪم.

(٢) تدبير ڪند بنده، تقدير ڪند خنده.

### .٢٤ بيماري ايندي آ ٻڪ، ويندي آ وڪ. (چوٽي / پهاڪو)

نقصان ۽ بيماري، بربادي ۽ تباهي وغيره اک ڇنڀ ۾ ٿينديون آهن جڏهن ته آبادي ۽ صحت وڏي محنت ۽ وقت ڏيڻ ڪان پوءِ حاصل ٿينديون آهن. انسان ويچارو پيدا ئي مرڻ لاءِ ٿيو آهي ۽ دنيا جي هر شيءِ پڻ نهي ئي ڊهڻ لاءِ آهي. ڊاهڻ لاءِ، ضروري ناهي ته ڪي وسيلا استعمال ڪجن. جڳهه ۾ رهڻ ڇڏي ڏيو ته به هوائن ۾ آندل دز، زميني پاڻيءَ جي سيمي / سيڪ، اڏوهيءَ ۽ چمڙن وغيره جي واسو ڪرڻ سان جلد ڊهي اچي پٽ پوندي. جڏهن ته ان ڪي سلامت رکڻ لاءِ سنڀال سان گڏ اپاءَ وٺڻ پڻ لازمي آهن.

انساني صحت به ائين آهي. خيال رکبس ته وقتي برقرار رهندي. هٿ ڪيبس ته جسم لاغر ٿي ويندو. وري سڌارڻ لاءِ آهستي آهستي سڌرندو. اهو به تڏهن جڏهن پئسو ۽ توجهه، وقت ۽ محنت وغيره استعمال ڪبا.

مطلب:

(١) نقصان جلدي پهچي، تدارڪ آهستي آهستي ٿئي.

(٢) بيماري اچي جبل وانگر، وڃي جونءِ وانگر.

### .٢٥ ٻاهريان اچٽا وچٽا، ترُ راضي رکجي. (چوٽي)

اوطاق يا شاديءَ جي ڪاڄ ۾، ڪانئيا ۽ ري- ڪانئيا گهٽا، اچي سهڙندا آهن. خيال ته مڙني جو ڪرڻ گهرجي. وقت آهر بلا امتياز مانُ / ماني ۽ جيءَ ۾ جايون ڏجن. ڪنهن مجبوريءَ تحت، هڪ ٻر ڪي وڌيڪ رکڻ ضروري هجي ته پوءِ رشتيدارن جو خيال وڌيڪ ڪرڻ گهرجي. ڌاريا امير، پنهنجي غريب مائٽ جيترو ڪم نه ايندا. پنهنجن جو خيال / مانُ، پراون جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ ڪرڻ، شان ۽ شوڪت، عزت ۽ مرتبي وارو ڪم آهي. ان ۾ رعب ۽ دٻدٻو، هيبت ۽ حشمت آهي. پنهنجن جي گهٽتائي ڪرڻ سان، پنهنجا ته رسي ويندا پر اهي حال ڏسي پراوا به پنهنجا نه ٿيندا.

مطلب:

(١) هر حال ۾ رشتيدارن / عزيزن ڪي مانُ / عزت ڏيڻ گهرجي.

(٢) شاديءَ غميءَ ۾، مٽ عزيز ڪي وڌيڪ مانُ ڏجي.

### .٢٦ ٻني ۽ وني، ڪنهن ڀاڙيي جي ڀيلبي آهي. (چوٽي / پهاڪو)

عزت ۽ غيرت وارا، ٻنيءَ کي وني ۽ ونيءَ کي ٻنيءَ وانگر سمجهندا آهن. متن جان لٽائيندي دير نہ ڪندا آهن. بزدل ۽ گيدي، لوڀي ۽ لالچي، ٻنهي کي گهٽ نگاهہ سان ڏسندا آهن، پنهنجي ٻنيءَ ۾ پاڻ هَرُ نہ ڪاهيندا آهن. جنهن سببان ٻيا اچي مالڪي ڪندا آهن ۽ هَرَ جوٽيندا آهن. ڇو جو ٻنيءَ ۾ ڪاهيندڙ هاريءَ لاءِ، پاڻ ڏانهن ڇڪڻ واري فطري ڪشش رکيل آهي. هر ڪنهن جي، پرائيءَ ٻنيءَ / ونيءَ ڏانهن نگاهہ ضرور ويندي آهي.

مطلب:

(١) غيرت وارا، عزتن تي جان بہ لٽائي ڦٽي ڪندا آهن.

(٢) بي غيرت جو مال ۽ عزت لٽبي رهندي آهي.

(٣) مال صدقو جان جو، جان صدقو شان / عزت جو.

### ٢٧. ياڙي، ڀڄڻو. (چوٽي)

ياڙ: ڀڳڙن / ڦلن ڀُڄڻ واري نڪر جي ٺئي، جنهن جو ترو ڀُتو / ڀُرڪٽو، ٽاڪئون ۽ ڪمزور هوندو آهي. ڪمزور ۽ بزدل کي بہ ان نسبت سان ياڙي / ياڙيو سڏيو ويند آهي.

دنيا جا ڪم، همت ۽ دليريءَ سان سَرِ ڪري سگهبا آهن. پير ڪوڙي ميدان ۾ بيهبو، تڏهن فتح حاصل ٿيندي. ڊڄڪي آڏو ڊڄي ميدان ڇڏڻ ۾، بزدلي ۽ گيدي پڻو آهي. جيڪو ميدان مارڻ بجاءِ، منجهانئس ڪڙين تي زور رکي، پوئين پير ڀڄي، سو بزدل ۽ ياڙي / ياڙيو سڏبو آهي.

مطلب:

(١) بزدل، هميشہ ميدان خالي ڪري ڀڄندا آهن.

(٢) بزدل، ڪنهن بہ مهم ۾ هٿ وجهڻ کان ڪيٻائيندو آهي.

### ٢٨. ياڙيي ياءُ ڪان، ڪٽ خالي ڀلي. (پهاڪو)

ياڙيو: بزدل يا ڊڄڻو ڪنهن بہ ڪم ۾ هٿ وجهڻ کان وينو ڪيٻائيندو. طاقت هوندي بہ جسماني ڪم نہ ڪندو. پئسي هوندي، سيڙائڻ کان پيو لنوائيندو. جڏهن تہ دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي، سيڙپ ڪرڻ ۾ آهي. وقت، جان ۽ مال ڪنهن بہ ڌنڌي ۾ توڪل ڪري لڳائبو تہ منافعو ضرور ٿيندو.

ماڻهوءَ جي ناڪاميءَ جي شروعات، بزدليءَ کان ٿيندي آهي. پهرين ماڻهو بزدل ٿيندو آهي. پوءِ هر ڪم مان ڊڄي هٿ ڪيندو آهي. وڏن کان ورثي ۾ مليل زمين / ٻنيءَ جا بہ ٻيا هسوار ٿي ويندا اٿس. ان ڪري بزدل ماڻهو، ياءُ ئي نہ هجي تہ چڱو آهي.

مطلب:

(١) بي همت بندو، بيزار خدا.

(٢) پاڙيو، پاءُ ٻه چڱو ناهي.

(٣) پٽ ۾ گهوڙا، ارڏا پلا.

### ٢٩. پٽ آئري تي ويندي آهي. (پهاڪو)

هر اڏاوت، زمين جي مٿان جڙندي آهي. زمين تي اڏاوت جو سڄو سنئون وزن وجهبو ته زمين جي مٿاڇري جي ڪَچ-پڪائيءَ سبب ڪٿي ڪٿي جهڪي به سگهي ٿو. ان لاءِ ضروري آهي ته زمين جو مٿيون گهڻ ڊبيل تَهُ هٽائي، پوءِ عمارت کڙي ڪجي. ضروري ناهي ته سمورو تَهُ هٽائجي. ان سان وري ظاهر ٿيل تَهُ به ڪَچ-پڪو ٿي سگهي ٿو. سولو طريقو اهو آهي ته پهرين پٽين جي ماپ سنئين آئرا (چريون) کوٽجن، پوءِ اڏاوت ڪجي. آئرا گهرا هوندا ته اڏاوت مضبوط بيهندي ۽ جيڪڏهن آئرا ٽيڙا ۽ ننڍا هوندا ته پٽ ٽيڙي، هڪ پاسي اوهاريل/ لڙيل هوندي ۽ گهٽي اوچي ڪٿي نه گهبي.

مطلب:

(١) اولاد والدين تي اَڏِ ڇڪيندو آهي.

(٢) استاد محنتي هوندو ته شاگرد به سنا هوشيار هوندا.

### ٣٠. پَٽَ پِٽِ تائين، چانور چانٺ تائين، جوئر درياه پَرِ تائين، ڪٽڪ درياه جي اوٽ موٽ تائين. (چوٽي)

چانور، ڪٽڪ، سانئون يا جوئر وغيره جي ڏاري منجهان لُپريءَ وانگر رڌيل نمڪين سيري کي پَٽُ چئبو آهي. جيڪو رڌڻ ۽ ورهائڻ، پائڻ ۽ هضم ڪرڻ آسان آهي. آسانيءَ جو مثال، گهر جي ڪمري جي پٽ وانگر آهي. جڏهن ته چانورن يا پلاءُ لاءِ چانٺ جيترو پند ڪرڻ مترادف آهي. جوئر ملڻ ڏکي، منجهانئس ماني پچائڻ اجا ڏکي. جڏهن ته کائڻ ۾ زود هضم ۽ سوادي. ان کي حاصل ڪرڻ لاءِ درياه جي پر تائين وڃڻ / پنڌ ڪرڻ ۾ ڪو عيب ناهي. ان جي پيٽ ۾ ڪٽڪ جهڙي سوادي اَنّ لاءِ درياهه جي آرپار اچڻ وڃڻ کا وڏي قيمت ناهي. ڪن جو چوڻ آهي ته انهيءَ داڻي خاطر، آدم عليه السلام جنت ڇڏي، ۽ دنيا ۾ آيو .

مطلب:

(١) ڪٽڪ جي اَنّ کي ٻين اناجن مٿان فوقيت حاصل آهي.

### ٣١. پَٽَ جي آسري، درياه ۾ نه گهڙجي. (پهاڪو)

درياه ۾ گهڙڻ، ڏکيو ۽ کُڏو ڪم ڪرڻ برابر آهي. ان سان جيءَ کي جنجل ۾ وجهڻو آهي. پَٽُ، پيٽ ڪتي کي پادر هٽڻ لاءِ ترت علاج آهي. ان خاطر، درياه پار ڪرڻ جهڙا جوکم کڻڻ ۽ جُهد پٽڻ، عقلمنديءَ جي ڳالهه ناهي. ڇو جو روزي رزق جو ذمو، رب پاڪ پاڻ تي کنيو آهي. اهو هر هنڌ روزي رزق پهچائي ٿو.

مطلب:

(١) پيٽ خاطر، ڪڌو ڪم نہ ڪجي.

### .٣٢ پونگا جنين پينگ، سڄڻ تنين سامھون. (پھاڪو)

هٿ ۾ بہ شيون، هڪ ئي وقت ڏکيون ايندين آهن. دنيا هٿ ايندي تہ آخرت هٿان نڪرندي ويندي. آخرت سنوارڻ جي ڪوشش ڪبي تہ دنيا تان هٿ ڪٽڻو پوندو.

زماني جي عشق جو بہ ساڳيو حال آهي. دنيا جو عشق، ڪنهن کي بہ راس نہ آيو آهي. جيڪي عاشق، قصن ۽ داستانن جي صورت ۾ زنده آهن، سي محبت ماڻي نہ سگهيا ۽ وقت کان اڳ مري، پاڻ کي زنده جاويد ڪري ويا.

مطلب:

(١) عشق ۾ سڀ ڪجھ لٽائيندڙ ئي ڪاميابي ماڻين ٿا.

### .٣٣ پونءِ ڦِرندي، پاڳ لڳي. (چوٽي)

جنهن پونءِ / زمين تي ماڻهو جائو آهي. ضروري ناهي تہ سندس پاڳ بہ اتي ئي جائو هجي. هجرت ڪرڻ سان بہ پنهنجي پاڳ / رزق کي چڱيءَ طرح حاصل ڪري سگهبو آهي. حڪم بہ آهي تہ ”روزي رزق حاصل ڪرڻ لاءِ زمين ۾ پکڙجي وڃو“.

جيڪي رب تعاليٰ جي حڪم جي تعميل ۾، سندس جوڙيل ڌرتيءَ تي ڦهلجي ويا، تن ان جي نعمتن کي اکين سان ڏٺو ۽ هٿن سان حاصل ڪيو. آخرت بہ سنواريائون ۽ دنيا ۾ بہ خوش و خرم ۽ سوڀارا رهيا.

مطلب:

(١) حرڪت ۾ برڪت آهي.

(٢) سفر ڪرڻ سان ، روزي رزق ۾ برڪت پوي ٿي.

(٣) چرپر ۾ حياتي آهي.

پيڻيو: سفر، وسيلہ ظفر.

### .٣٤ ٿر ڏلهي تہ سنڌ جهلي، سنڌ ڏلهي تہ ڪير جهلي؟ (چوٽي / پھاڪو)

ٿر جو علائقو، وُٺي تي آباد ٿئي ٿو. جڏهن تہ سنڌ جو سنئون سڌو علائقو نهري ۽ زميني آبي ذخيرن تي آباد ٿئي ٿو. برساتن نہ پوڻ جي صورت ۾، ٿر ۾ قحط پوندو آهي ۽ اتان جا اصلي باشندا بہ سنڌ ڏانهن رخ رکندا آهن، جتي کين پنهنجي سِرَ بچائڻ لاءِ انّ پاڻي ۽ مال لاءِ چارو ملي ويندو آهي. سنڌ جي علائقي ۽ وسيلن ۾ ايتري

ڪشادگي آهي جو قحط دوران ترين جي سَٿَ سهي سگهندا آهن. جيڪڏهن سنڌ ۾ به قحط پوي ته پوءِ آفت ستيل ٿري ته نهيو پر سنڌ جا اصل باشندا به ان جي لپيٽ ۾ اچي وڃن. سيني لاءِ پنهنجي جان بچائڻ به موراڳو مشڪل ٿيو وڃي. ان صورت ۾ اهي لاچار ڪيڏانهن وڃن؟!

مطلب:

(١) ننڍن ڪي پيل نقصان وڏا برداشت ڪن. وڏن ڪي پيل نقصان ڪير برداشت ڪري؟!

### ٣٥. ٽَڪُ ۽ وِڪَ، مڙسن ڪان نہ وسرندا آهن. (چوڻي)

ٽڪ، ٽڪاوٽ مڙسن لاءِ عيب سمان آهي. جنهن جڳهه تي ٽڪجي ۽ هاري ٻيڻا هوندا، اها جاءِ ياعمر ڪانئن ڪين وسرندي. اهڙيءَ طرح جتي وِڪَ يا ڳرو قدم ڪنيو هونداٿون سو به ڪانئن ڪين وسرندو، ان ڪي به عمر جي آخري ايامن ۾ ساري پيا سرها ٿيندا.

مطلب:

(١) بيعزتي ۽ پنڌ ، مڙسن ڪان نہ وسرندا آهن.

### ٣٦. ٽُنڊِبو ۾ مَنڊو، پهلون. (پهاڪو)

ٽُنڊو، هٿن ڪان معذور ماڻهو هر جاءِ تي پهچي وڃي ٿو، پر ڪم نہ ڪري سگهڻ سبب ڪنهن ڪم جو نہ ٿو رهي. ڇو جو هر ڪم هٿن سان ٿيندو آهي. ان جي برعڪس منڊو، ڄنگهن ڪان معذور هئڻ سبب ٻين جي سهاري گهران ڪم جي جاءِ تي پهچي ٿو، مگر هٿ سجا هئڻ سبب، پنهنجي حصي جو ڪم وقت اندر اُڪلايو وڃي. ان ڪري سندس ماڻ، ٽنڊي ڪان وڌيڪ آهي.

مطلب:

(١) سست سچي ڪان ، محنتي معذور چڱو.

(٢) انڌن ۾ ڪاڻو، راجا.

(٣) جتي وڻ ناهي، اتي ڪانڊيرو به درخت.

### ٣٧. ٽوٽي پٽ چوندو: ”ابي جو ٻج نہ ملي تہ هر ڪاهڻ ڪان ڇٽي پوان.“ (پهاڪو)

هڪڙي هاريءَ پٽ کي چيو، ”ابا! زميندار ڪان ٻِجُ وٺي اچ تہ هَرُ ڪاهي، زمين ۾ ڇٽيون“.

پُٽُ جڏهن زميندار وٽ ويو، تڏهن ڪيس چيائين: ”ابي ٻج لاءِ موڪليو آهي. جيڪڏهن اچ نہ تو تي سگهي تہ پلا ٻئي دفعي ئي ڏجو.“

”سست ۽ نڪمو پٽ ئي ايئن چوندو آهي“ زميندار ٽوڪيندي چيس: ”ابي جو ٻج نہ ملي تہ هر ڪاهڻ کان ڇٽي پوان.“

مطلب:

(١) سست / ڪاهل پٽ چوندو: ”ابي جو ٻج ڪلر نہ ملي تہ ڳڏه تي چڙهي پيو گهمان.“

.٣٨ پَتِ واري جهڙو ڪو شاهوڪار ڪونهي. بي پتيي جهڙو ڪو سڃو ڪونهي. (چوڻي)

دنيا ۾ ڪار وهنوار مان اهو ڪمائي ٿو جنهن جي مارڪيٽ ۾ ساک وينل آهي. جنهن جي ساک ، ڏيتيءَ ليتيءَ يا ڪسي مال سبب، خراب ٿيل آهي ، تنهن کان ڪير بہ سودو نہ وٺندو آهي ۽ نہ ئي ڪو وڏو دڪاندار ڪيس هٿ هلائڻ لاءِ رکت تي مال ڏيندو آهي.

مطلب:

(١) نالي چڙهيو واپاري ڪٽيو ڪائي، نالي چڙهيو چور ڦاهيءَ چڙهي.

(٢) ڪاميابي ۽ ناڪاميءَ جو انحصار، ڪارِ- پت تي آهي.

.٣٩ پناڻن آئي، پارسي وسريو وڃي (پهاڪو)

پناڻ، مغل ڳڏيل هندستان جا حڪمران رهيا آهن. فارسيءَ جا مها ڄاڻو ۽ قدردان هئا. سندن آڏو فارسي علوم جا وڏا ڄاڻو ۽ مدبر ويهندا هئا. ڇڱن ڀلن کان، سندن آڏو فارسي وسري ويندي هئي.

عالمن آڏو، ڳالهائڻ لاءِ بہ علم کپي. جاهلن آڏو ڏاڍيان ڳالهائيندڙ جي، عالمن آڏو پهچڻ ڪانپوءِ بولتي بند ٿي ويندي آهي ۽ مغز مان هوا نڪري ويندي آهي.

مطلب:

(١) ڄاڻو اچن، جاهل پڇي وڃن.

(٢) مغلن آئي، پارسي وسريو وڃي.

(٣) حق اچي، ناحق پڇي وڃي.

.٤٠ پٽي مارِ، پيٽ نہ مار. (چوڻي / پهاڪو)

پيٽ هر ساهدار سان لڳل آهي. هر ڪو ان جي ڀرڻ جي جستجوءَ ۾ لڳل آهي. اها لوري ڪيس محنت ڪرائي ٿي ۽ وزن ڍورائي ٿي. پيٽ خاطر، خوشيءَ خوشيءَ جانور تہ ڇا ماڻهو بہ وزن کڻي ٿو وڃي. ان جي برعڪس، پيٽ لاءِ ڪجهہ نہ ملي ۽ محنت لاءِ حڪم ٿئي تہ ڪير بہ ڪم نہ ڪندو. مار جي ڀَوَ کان ڪير ڪم تہ ڪندو پر جيڪا آهہ سندس دل مان نڪرندي سا عرش کي لرزائي وجهندي.

مطلب:

(١) ڪنهن جي روزيءَ تي لت نه رکجي.

(٢) جانور تي وزن پلي رکجي پر ڪيس بکيو نه رکجي.

(٣) پيٽ پر، پني لڏ.

### .٤١ پڇڻ، سي پسن. (چوڻي)

ضروري ناهي ته ماڻهوءَ کي مڙئي علوم معلوم هجن. ڪيس هر ڳالهه جا سمورا گوشا معلوم نه هوندا آهن. جنهن به ڪم ۾ هٿ وجهڻو هجي، ان بابت پڇڻ ۾ ڪو عيب ناهي. پڇڻ سان ماڻهو گهڻين غلطين کان بچي سگهندو آهي. نه پڇڻ جي صورت ۾ جيڪي غلطيون ٿين ٿيون، تن جو ازالو ته ناهي، هتائين خلق خواري آهي. پڇڻ سبب، ٻڌائيندڙ / رهبرن جي راءِ شامل هجي ٿي ۽ رب پاڪ طرفان مدد پڻ . نه پڇڻ سبب، نه مدد پهچي ٿي ۽ نه ئي ماڻهن جون دليون نريل رهن ٿيون. جنهن سبب ڪيتريون ئي خرابيون پيدا ٿين ٿيون.

مطلب:

(١) پڇندڙ، پسندڙ.

(٢) پڇندڙ، نه منجهندڙ.

### .٤٢ پڇڻ، سي ويڙ. (چوڻي)

پڇڻ سبب ، ٻين ماڻهن جي راءِ ۽ نريل دل ، شامل حال رهندي آهي. ربّ پاڪ جي مدد پڻ انهيءَ ۾ پهچندي آهي. جنهن سان ايترو سهڪار ٿئي، تنهن جا سمورا ڪم، خير خوبيءَ سان پورا ٿيندا آهن. ڪاميابيون قدم چمنديون اٿس. هر ميدان ۾ ڪاميابي ماڻڻ سبب، ويڙ/ شاهمير هوندو آهي.

مطلب:

(١) پڇندڙ، ڪاميابي ماڻيندڙ هوندو آهي.

(٢) مشوري سان ڪيل ڪم ۾ ڪاميابي حاصل ٿئي ٿي.

### .٤٣ پگهر نڪرڻ بنا، پئسو نه ٿو ملي. (چوڻي)

پگهر، محنت ڪرڻ سان نڪرندو آهي. محنت ڪرڻ، ڪم ڪرڻ جي نشاني آهي. ڪم ڪار ڪرڻ وارو چاهي پنهنجي گهر جو ڪم ڪري يا ٻئي جو ٻيلپو ڪري، محنتاڻو ضرور لهڻي. مزوري، دولت جي صورت ۾ ئي بچي / وڌي ٿي.

مطلب:

(۱) محنت ڪانسواءِ، نہ ملڪيت مڙي ٿي ۽ نہ ئي بچي يا وڌي ٿي.

### ۴۴. پنهنجو ڪٽ تي ويهاري، ڌاريو ويهاري ڪيڙهيءَ ۾، تہ بہ ڪيڙهي واهہ واهہ. (پهاڪو)

پنهنجي ماڻهوءَ مان هر ڪنهن کي هر معاملي ۾ ڌارين جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ آسرو هوندو آهي. ڌاريي مان چڱائيءَ جي اميد، پنهنجي جي ڀيٽ ۾، گهٽ هوندي آهي. پنهنجو عزت ڏئي ڪٽ تي ويهاري، ان ۾ ايتري عزت محسوس نہ ٿيندي آهي، جيتري ڌاريي طرفان پٽ تي ويهارڻ ۾ حاصل ٿيندي آهي.

مطلب:

(۱) پنهنجن جي چڱاين ۾ بہ عيب، ڌارين جي برائيءَ ۾ بہ گڻ / اصول پيا نظر ايندا آهن.

### ۴۵. پوک جي هڪ آهي ڪيڙي، ٻي آهي ميڙي. (پهاڪو / چوٽي)

فصل، زمين ۾ تڏهن پلو ڄاپندو، جڏهن اها چڱيءَ طرح ڪِڙيل هوندي. اندر دٻيل مٽيءَ کي، هوا اندر موجود نائٽروجن، جيڪا فصل لاءِ ياڻ طور ڪم ايندي آهي، آسانيءَ سان نہ ٿي ملي. هَرَ ذريعي زمين کي اٿلاٽي ڏيڻ سان، مٽيءَ  جو هر ذرو کلي پوي ٿو ۽ ساڻس نائٽروجن ملي وڃي ٿي. زمين جيترو گهڻو ڪِڙيل ۽ پُريل هوندي، اوترو وڌيڪ طاقت سان منجهس فصل لڳندو.

فصل جي سنڀي ڄاپڻ کان پوءِ بہ اهو هاري گهر ڏانهن گهڻو اَنُ ڪٽي ايندو، جنهن ڇيپي ڇيپي تي فصل جي سار سنڀار لڌي هوندي. جهار ۽ جانورن کان بچائي، چڱيءَ طرح ٻارِ ميڙي رکي هوندائين. ٻيءَ صورت ۾، مال ئي پرايو آهي.

مطلب:

(۱) فصل جي پئداوار، هَرَ ۽ سنڀال تي انحصار رکي ٿي.

### ۴٦. پيٽ ٻک مري، ڇُٽ راڳ ڪري. (پهاڪو)

پيٽ ۾ اَنُ هوندو تہ منجهس گئس بہ پئي نهندي. ريح جڏهن پيٽ جي برداشت / گنجائش کان وڌيڪ نهندي آهي تہ پوءِ نڪاءَ سان خارج ٿيڻ شروع ٿيندي آهي. جڏهن تہ خالي پيٽ تي ريح نهڻ ڪجهہ عجيب فطري ڳالهہ نظر ايندي آهي، جو جو ٽٽ  بہ ڏِوَ تي ايندا آهن.

اهڙيءَ طرح گهر ياتي محنت ڪرڻ ٻچاٽان بہ ٻکن تي هجن ۽ هڪڙو لاڏلو پٽ، منجهانئن ناز نخري واري زندگي گذاري تہ ڪجهہ عجيب ٿو لڳي. جو جو، ناز ۽ نخرا بہ هوندَ تي ٿيندا آهن.

مطلب:

(۱) گهڻو ڪائڻ سان، گهڻي ريح  پئدا ٿيندي.

(٢) هڪڙن جي عياشين سبب، ٻين کي تڪليف سهڻي پوندي.

### ٤٧. پيٽ، ماڻهوءَ جو دشمن آهي. (چوڻي)

دنيا اندر، جيڪا به ماڻهوءَ جي هٿن سبب، ترقي ٿي آهي سا مابدولت پيٽ جي ئي ٿي آهي. جيڪڏهن ماڻهوءَ سان پيٽ لڳل نه هجي ها ته شايد دنيا جو نقشو ائين نه هجي ها، جيئن هن وقت نظر اچي ٿو. پيٽ خاطر ئي هرڪو لوڙي / لوچي ٿو. ماٺ ڪين اٿس. چڱي ڪم ذريعي ڪمائي ٿيندي نه ٿي نظر اچيس ته ڪڌا ڪم به ڪري ٿو. ماڻهن جون دشمنيون به ڪٺي وڃي ٿو.

مطلب:

(١) پيٽ ڪتي خاطر، ڪڌا ڪم ڪجن ٿا.

(٢) پيٽ، ڪتن سان گڏ ڪارائي.

### ٤٨. پيري، بيماريءَ جو گهر. (چوڻي، طبي)

جوانيءَ ۾، طاقت جي ٻل تي، ماڻهو ڏڙيون پيو ٽپندو آهي ۽ لوڙها پيو لتاڙيندو آهي. دَس دَسَان پيو ڪندو آهي ۽ ملهون پيو وڙهندو آهي. دسجي پوڻ جي صورت ۾ ٿڪاوٽ ۽ معذوري به محسوس نه ڪندو آهي. جڏهن ته پيريءَ ۾ ضعف سبب، ڪا به سٽ نه سهي سگهندو آهي. ڪراڙو هڏ ٽٽي، ته ڳنڍجي ئي نه. بيماري لڳيس ته دوائن سان به ڪين لهيس. جوانيءَ ۾ ڪاڏل ڏکن جا ڦٽ به پيريءَ ۾ اُکلي پون.

مطلب:

(١) ڪمزور تي هر ڪنهن جي ڪاهه هوندي آهي.

(٢) ڪراڙپ کي مرض گهڻا چنبڙندا آهن.

(٣) ڏٻري ڍور تي مچر به گهڻا.

### ٤٩. پيري عيش عشرت کي نه ٿي ڏڪاري، عيش عشرت ٿي پيريءَ کي ڏڪاري. (چوڻي / پهاڪو)

پهچ ڪان پري ۽ منع ٿيل شيءِ ۾ گهڻي ڪشش رکيل آهي. عيش عشرت، طاقت سان ٿيندا آهن. طاقت جوانيءَ ۾ هوندي آهي. پيريءَ کي، عيش عشرت واري سٽ سهڻ جي، طاقت نه هوندي آهي. اوڏانهن رغبت ضرور هوندي اٿس. پيريءَ ۾ عملي طرح عياشي ڪرڻ، ڏکيو ڪم ته آهي پر آهون پرڻ ۽ وات جا چشڪا وٺڻ ته ويا ڪونهن.

عيش عشرت لاءِ گهربل طاقت ۽ حسن، پئسو ۽ موقعا، عدم موجود هئڻ سبب، پيري ، عياشي ۽ جي اڏي تان ٽڙجي نڪري ٿي.

مطلب:

(١) عياشي، سگهاري جسم سان ٿيندي آهي.

(٢) پيري، جوانيءَ تي ڪُرڪي.

### ٥٠. جاءِ، زال ۽ زمين ڪي جيترو سينگار، اوترو ٿورو. (چوٽي)

جاءِ رهڻ لاءِ اجهوآهي. زال، زندگيءَ ڪي آسان بڻائڻ لاءِ ساٿي آهي ۽ زمين، معيشت ڪي سڌارڻ لاءِ معاون هوندي آهي. پنهنجي وقت تي، ماڻهوءَ ڪي انهن ٽنهي جي ضرورت پوندي رهندي آهي. لاڳيتو گڏ رهڻ سبب، انهن جي سجاوت ۽ سينگار جو اُلڪو پڻ رهي ٿو. ڪين جيترو به سينگارجي، آخر ڦِٽيو / بگڙيو وڃن. ڇو جو دنيا جي هر شيءِ نهي ئي ڊهڻ لاءِ آهي.

مطلب :

(١) سينگار، جاءِ ۽ جوءِ جو مرڪ آهي.

(٢) جاءِ چوي: جوڙائي ڏس، زال چوي: پرڻجي ڏس.

### ٥١. جن جاتي ڄاتو، تن تاتي پاتو. (پهاڪو)

حاصلات ۽ ڪمائي وغيره جو دارومدار نصيب تي آهي. جتي نصيب هوندو، اتان ئي روزي، رزق حاصل ٿيندو. نصيب واري جاءِ تي، پوري وقت تي پهچڻ، قدرت طرفان آهي. اتان جي ڄاڻ حاصل ٿي وڃڻ به قدرتي ڏات هوندي آهي.

اهڙيءَ طرح سمورا علوم ۽ رب پاڪ جو تصور پڻ آهن. جنهن ماڻهوءَ جهڙو تصور ۽ گمان رکيو، ساڻس تهڙو ئي معاملو / ورتاءُ ٿيو.

مطلب:

(١) پهرين ڄاڻ ايندي آهي، پوءِ ڪمائي.

(٢) پهرين سکجي، پوءِ ڪمائجي.

(٣) جنهن ڪي جتي نظر آيو، تنهن ڪي اتان مليو به.

(4) First learn, then earn.

### ٥٢. جنهن ان ڇڏيو، تنهن قبر ڪي ڳَن هنيو. جنهن پاڻي ڇڏيو، تنهن قبر ڪي ماٺي ڇڏيو. (چوٽي)

حياتي، ڪائڻ پيئڻ ۽ چرپر ۾ آهي. جيئن پيٽرول کانسواءِ گاڏي نه ٿي هلي، تيئن کاڌِ خوراڪ کانسواءِ

جيئڻ به ڏکيو آهي. انساني عضون جون گهرجون ۽ تقاضائون، خوراڪ مان ئي پوريون ٿينديون آهن.

جڏهن ماڻهو، اَنُ / ماني نه کائيندو آهي ته ڏينهون ڏينهن لاغر / ڏبرو ٿيندو ويندو آهي. منجهانئس مائٹ آسرو لاهيندا ويندا آهن. دوا متس اثر ڪرڻ ڇڏي ڏيندي آهي. بيماري روزبروز وڌندي ويندي اتس. جڏهن پاڻي ڇڏيندو آهي ته پوءِ سندس موت ته يقيني ئي ٿي ويندو آهي.

مطلب:

(١) کائڻ پيئڻ، حياتيءَ جي نشاني آهي.

(٢) جي چرن، سي نه مرن.

(٣) چرند، نه مرند.

### ۵٣. جنهن شيءِ کان نفرت هوندي آ، سا ئي آڏو ايندي آهي. (چوڻي)

هرشيءِ جي گهٽائي، نفرت جي حد تائين بيزار ڪندڙ هوندي آهي. گهٽي شيءِ پيرن ۾ به پئي وچڙندي آهي. جڏهن ته توري شيءِ ۾ قدرتي طور ڪشش رکيل آهي. ماڻهو ان ڏانهن ڇڪجيو ڇڪجيو پيو ويندو. گهٽي ۽ نفرت واري شيءِ، ماڻهوءَ جي هر هر آڏو پئي ايندي آهي.

مطلب:

(١) نفرت وارو ماڻهو دل تي پيو ترندو.

(٢) جا لڳي لَٺَ، سا ڪاٺي اک ۾.

### ۵۴. جنهن ماٺ ڪئي، سو ڇٽو. (چوڻي)

دنيا جي تختي تي، ڪي معاملا جهيڙن / وڙهڻ سان نبرندا آهن. ڪي پيار قرب سان ته ڪي وري دل وجان سان محنت ڪندي سلجهندا آهن. ڪيترا معاملا، ماٺ يا صبر ڪرڻ سان ئي حل ٿيندا آهن. منجهن جيتري تڪڙ ڪبي اوترو منجهندا / الجهندا ويندا.

صبر جهڙو ڪو هٿيار ڪونهي. تلوار گسي سگهي ٿي، تير گسي سگهي ٿو، ڪاردوس اڻ ڇٽو رهجي سگهي ٿو پر صبر ڪڏهن به نه گسندو آهي. صبر جهڙو وارُ بيو ڪونهي. صبر ۾ الله سائينءَ جي مدد شامل هوندي آهي.

مطلب:

(١) چُپ، هزار تکن جملن کان وڌيڪ تکي هوندي آهي.

(٢) صبر جنين جو سير، تير نه گسي تنين جو.

(٣) صبر وارو، پريشانين کان آجو آهي.

(۴) جن ڇڏي دعويٰ، سي ٿيا سدا ساوا.

### ٥٥. جنهن هٿ گل کيرايا، سو ڳچيءَ ۾ هار بہ وجهي سگهي ٿو. (پهاڪو)

دنيا جي تختي تي، فطرت جي ڪارفرمائيءَ کان هٽي ڪري، جيڪا بہ ترقي ۽ رونق، تباهي ۽ تنزل ٿيو آهي، سو انسان جي هٿن جي ڪمائيءَ سبب ٿيو آهي. انهن ئي هٿن سان چڱا ڪم ڪجن ٿا. انهن ئي هٿن سان برا ڪم ڪجن ٿا.

انهن ئي هٿن سان ڪن دوستن جي عزت افزائيءَ وارا ڪم ڪجن ٿا تہ انهن ئي هٿن سان ڪن جي دل آزاريءَ وارا ڪم ڪجن ٿا. ”هٿ“ سان هر نوعيت جو ڪم ڪرڻ ممڪن آهي.

مطلب:

(١) سنڀال ڪندڙ چوڪيدار، چور بہ ٿي سگهي ٿو.

(٢) نقصان پوڻ واري ڪم مان، فائدو بہ پئجي سگهي ٿو.

### ٥٦. جو ڏجي، سو مري. (چوٽي)

دنيا ۾ ترقي اهو ڪندو، جيڪو دلير ٿي هر ڪم ۾ هٿ وجهندو. اڻ ڏٺل مهم ۾ پئسو، جان ۽ مال سيڙائڻ سان نفعا حاصل ٿين ٿا. جيڪو زمين ۾ اَنُ ڇٽيندو يا يارن دوستن تي پئسو خرچ ڪندو، سو ئي منجهانئن فائدا وٺندو. جيڪو ڏجي، هٿ سوڙهو رکندو، سو ترقي تہ نہ ڪري سگهندو، هٿائين زندگي گذارڻ ڏکيو مسئلو ٿي ويندس.

مطلب:

(١) جي ڏنا، سي ڏڙيا.

(٢) ڳيدي سؤ سال جيئي پر تاريخ ڪيس ڪڏهن بہ ياد نہ رکندي.

(٣) ڊر گيا، مر گيا. (اردو)

### ٥٧. جو هٿ ڪري، سو هٿ پائي. (پهاڪو)

هر ڪو هٿ جي ڪمائي کائي ٿو. ان ئي هٿ سان چڱا ڪم ڪبا تہ نفعا بہ پاڻ وٽبا. جيڪڏهن ڀُڏا ڪم ڪبا تہ نقصان بہ پاڻ پائبو. هڪ جي ڪيل ڪم بدران، ٻئي کي نہ نفعو پهچندو، نہ ئي نقصان ٿيندو. جيڪو ڪندو، سو لوڙندو.

مطلب:

(١) ڪرند پسند، ڏيند لهند.

(٢) ڪندڙ، پوڳيندڙ.

(٣) ڪري، نہ پري.

(۴) جو ڪمائي، سو کائي.

## .۵٨ جوئر جو اتو، نہ شاديءَ جو نہ غميءَ جو. (پھاڪو)

جوئر جو اتو، اٽيو ٿيندو آهي. منجهائنس پڪل ماني پورو ۽ جلد سڪي ويندڙ ۽ منجهائنس رڌل پت بہ گهٽو گيهہ کٽندڙ ٿيندو آهي. ڪاڻ وارا گهٽا هجن ۽ ڪين جلدي اڪلائٽو هجي تہ پوءِ گِسو اَنُّ ڪونہ هلندو. اتي يا ڪٽڪ جي اتي جي ماني هجي يا چانورن مان رڌل پت هجي.

مطلب:

(١) رکو ماڻھو اجتماعي ڪم لاءِ نامناسب آهي. رڪائپ سبب، نهيل ڪم بہ بگيڙي ڇڏيندو آهي.

(٢) بزدل ماڻھوءَ مان، نہ دشمن کي پوُ نہ سڄڻ کي آسرو.

(٣) رکو ماڻھو، نہ خوشيءَ ۾ چڱو نہ غميءَ ۾.

(۴) ڏکئي ڪم لاءِ، ماڻھوءَ کي تورو ڪتو منو ٽيٽو پوندو آهي.

## .۵٩ جهڙا استاد، تهڙا شاگرد. (پھاڪو)

شاگرد، اهو ئي سڪندا، جيڪو استاد ڪين سيکارندا. استاد، اها شيءِ سيکاريندو، جيڪا هو پاڻ سکيل هوندو. جيڪڏهن استاد جا اخلاق چڱا ۽ پڙهائڻ جو ڍنگ سهٽو آهي تہ شاگرد بہ تمام چڱو علم ۽ عقل، اخلاق ۽ اطوار پرائيندا. جيڪڏهن استاد اُٺونڌُ آهي تہ پوءِ شاگرد بہ برا افعال پرائيندا.

مطلب:

(١) جهڙو راجا، تهڙي پِرَجا.

(٢) جهڙو راءِ، تهڙي رعيت.

(٣) جهڙا روح تهڙا فرشتا / ختما.

(۴) جهڙو مالڪ، تهڙو نوڪر.

(۵) جهڙا گڏهہ گاڏا، تهڙا ڪاهيندڙ ڪاهين، هنن نہ پڇيو هنن ڪان تہ ڪاٿي لاهين.

(٦) جهڙي ٻني تهڙو ٻج، تنهن جي سلي پر نہ ڏڄ.

### ٦٠. جيڪو پوکبو سو لڻبو، جو کٽبو سو کائبو. (پهاڪو / چوڻي)

زمين منجهه اها خاصيت رکيل آهي ته محنت سان جيڪي منجهس پوکبو، سو ئي سلو منجهانئس اپرندو. جيکڏهن ٽڪ پوکبي ته کٽڪ لڻبي، جَوَ پوکبا ته جَوَ لڻبا. ڪي ڪين پوکبو ته اوپڙ به ڪي ڪين ٿيندي.

زمين ۾ اوءِ اپرڻ جي استعداد، فطري رکيل آهي. ڪو به فصل نه پوکڻ جي صورت ۾ منجهانئس، خودرو بوٽا ڦٽندا، جيڪي انسان لاءِ براه راست منافعي بخش نه رهندا.

مطلب:

(١) جهڙي ڪرڻي، تهڙي پرڻي.

(٢) جهڙو ٻين سان هلبو، تهڙو ئي ٻيا هلندا.

### ٦١. جيڪي پايون نه سنڀاريندا، سي روپيا ڪيئن گڏ ڪندا؟ (واپاري پهاڪو)

دڪان تي گوڏو پيجي ويهڻ ڪانپوءِ، مراديءَ جي ٽڪي پئسي ڪي احتياط سان سنڀالڻ ضروري آهي. اٿندي سان ئي وڏو ڊپارٽمينٽل اسٽور کولبو ته لامحالہ پوءِ مينٽل ئي ٽي وجبو. نه ڪاروبار سنڀالي سگهبو ۽ نه ڪارِ وهنوار هلائي سگهبو.

ڪارِ وهنوار ۾ ننڍين ننڍين شين ڏانهن ڌيان ڏيڻ اشد ضروري آهي.

مطلب:

(١) قناعت نه ڪندڙ، نيٺ پنندو.

(٢) ڏنڌي ۾ فائدو، اوگهه سوگهه مان پوندو آهي.

(٣) ٿوري ڪٽئي، گهڻي برڪت.

(٤) ڦڙيءَ ڦڙيءَ، تلاءُ آهي.

### ٦٢. چغلي، جهيڙي جي ماءُ آهي. (چوڻي)

هڪ جو عيب ٻئي کي ٻڌائڻ يا هڪ جي مهم جو راز ٻئي تي افشان ڪرڻ کي چغلي چئبو آهي. جنهن جو عيب ۽ راز اگهاڙبا، سو براه راست جهيڙي ۽ گارين تي لهي ايندو آهي. دشمنين جي شروعات، هڪ گار سان ئي ٿيندي آهي.

مطلب:

(١) گلا ۽ چغليءَ سان نفرتون وڌن ٿيون.

(٢) سؤ ميل جي سفر جي شروعات، هڪ ئي قدم سان ٿيندي آهي.

### ٦٣. حلوي کائڻ لاءِ ته وات گهرجي / ڏند گهرجن. (پهاڪو)

دندئي / چابو / حبشي حلوو، چباڙڻ لاءِ ڏند سخت ضروري آهن. حلوي مان مراد، اگر مٺي شيءِ ئي ونجي ته به صحتمند ڏندن جي ضرورت آهي. ڏندن ۾ جيڪڏهن اڳيئي سور هوندو يا بيماري لڳل هوندي ته مناڻ تي ويتر منجهن سور پوندو ۽ ماڪوڙي به کائيندن. جيڪڏهن حلوي مان مراد، لذيذ ۽ سٺيا طعام آهن ته پوءِ انهن لاءِ به صحتمند جسم ۽ پئسي خرچ ڪرڻ وارو هٿ کپي، بعد ۾ اهي شيون واپرائي سگهبيون.

مطلب:

(١) بظاهر آسان ڪم لاءِ به جان، وقت ۽ مال لڳائڻو پوندو آهي.

(٢) بنا محنت جي، ڪوبه ڪم اُڪلائجي نه سگهندو.

(٣) سڀ آسان ڪم، هڪ ئي وقت هڪ ماڻهوءَ لاءِ، ڏکيا آهن.

### ٦٤. دل جي ڳالهه، دلي دوست سان به نه ڪجي. (چوڻي)

هر ماڻهوءَ جو ڪو نه ڪو حال محرم هوندو آهي. ٻئي ڪي دلي دوست سمجهي راز نه ٻڌائجي، لامحاله سندس به ٻيو ڪو راز محرم ضرور هوندو. ان ڪان ڳالهه ڪين رکي سگهندو. ڪنهن نموني اها ڳالهه ان تائين پهچندي ضرور. ائين ان جي دوست جا به ڪي دل گهريا دوست هوندا، اهو ڪين ساڳي ڳالهه، راز واري انداز ۾، ضرور ٻڌائيندو. ائين ڳالهه، گهڻن واتن تان ٿيندي گهڻن ڪنن تائين پهچي ويندي ۽ راز نه رهندي.

مطلب:

(١) جنهنجي ڳالهه پنهنجي پيٽ ۾ نه ٿي ٽڪي، تنهن جي ڳالهه ڪاٿي به ڪين ٿي لڪي.

(٢) واتين سري، واڳين سري.

(٣) راز ۾ آهستي ڪيل ڳالهه، وڏي وويڪ سان ٻڌڻ ۾ ايندي آهي.

### ٦٥. دَلّي، ڪنهن نه جهلي. (پهاڪو)

دلال، ٻن قسمن جا هندا آهن. هڪڙا پڙوا ٻيا ڪجر. پرائي عورت ڪان ڪسب ڪرائيندڙ: پڙوو ۽ پنهنجيءَ ڪان ڪرائيندڙ: ڪجر ٿيندو آهي. ٻين جي هٿن ۾ ڪسب ڪندڙ ڪسبياڻي، وڏي مڪار ۽ عيار پڻ ٿيندي آهي. ڪنهن جي به چوڻ آکڻ ۾ نه هوندي آهي. هر معاملي ۾ هڪ پير تي ٻيهي نچندي آهي.

مطلب:

(١) مڪار عورت، ڪنهن جي به جهل پل ۾ نه ايندي آهي.

(٢) ڪني رن جو، نہ تار نہ تانگهو.

(٣) عورت ڪين ڄاڻي تہ ٻہ اٺ مڪرن جو ڄاڻي.

### ٦٦. دنيا ڪي هڪ ڏينهن ڇڏڻو ضرور آهي، پاندو جو گهڙيو سو پڃڻو ضرور آهي. (چوڻي)

دنيا ۾ هر جاءِ ڍهڻ لاءِ نهي آهي ۽ ماڻهو مرڻ لاءِ آيو آهي. هر شيءِ، سواءِ الله جي، آخر فنا آهي. باقي رهي نالو الله جو. پڪ سان قيامت ايندي. هر شيءِ تباهہ ٿيندي. جاءِ ۾ رهڻ ڇڏي ڏبو تہ ٻہ ڍهي ويندي. ان ڪري، ان ڪي جوڙائجي ئي اهڙي نسبت سان. متس اجايو خرچ ڪرڻ ڪان هتر ڪجي.

مطلب:

(١) آخرت جي زندگيءَ لاءِ محنت ڪجي. دنيا جي زندگي عارضي آهي.

(٢) هيءُ جهان، نہ چاهڻ جي باوجود، هر جِيوَ کي ڇڏڻو آهي.

### ٦٧. ڏاريجن ڪان ڏار، ٻارو پوڪجي ٻاهر. (پهاڪو / چوڻي)

سهتا ذات جي هڪ شاخ، جيڪي ڏار ٿيڻ سبب ڏاريجا سڏائين ٿا، تن سان ٻني گڏي نہ ڪاهجي. يا جيڪڏهن ڪائنئ الڳ ٿجي تہ پوءِ صفا جوءِ ئي ڇڏي وڃجي. ڏار ٿيڻ نہ سهندا آهن. اهڙي ڪينس ڪندا جو، ٻار مان اَنّ جو ڪٽو بہ ڪٽي ڪين سگهبو.

مطلب:

(١) ڏاريجن ڪان ڏار، ٻارو ڪجي ٻارِ جو.

(٢) ڏاريجن ڪان ڏار، ٻارو نہ ڪجي ٻاهر. (ابتو)

### ٦٨. ڏاڍي تي ڇڙ ڇڙهي نہ، هيٺي تان لهي نہ. (چوڻي)

فطرتًا ظالم ۽ ڏاڍي سان سينو ساهڻ ڏاڍو ڏکيو آهي. منجهانئس تقصان جو انديشو رهي ٿو. هيٺي تي آڪڙيو پيو اچبو آهي. منجهانئس نقصان جو پؤ نہ ٿيندو آهي. حقيقت انهن ڳالهين جي برعڪس آهي. ائين ڪرڻ سان نتيجا ڏاڍا اُگرا نڪرندا. جيڪڏهن ظالم سان سينو نہ ساهي سگهجي تہ غريب سان بہ اچن ڏندن جي پريت نہ ڇڏجي.

مطلب:

(١) ڪاوڙ هيٺي تان لاهڻ سان لهندي ناهي، ڏاڍي تي چاڙهڻ سان چڙهندي ناهي.

(٢) هيٺو حاڪم، ڪورين لاءِ قهار.

### ٦٩.	ڏاهپ / حڪمت، قدرتي نور آهي. (چوڻي)

عقل ۽ علم، دانائي ۽ دورانديشي، فهم ۽ فراست، ڏاهپ ۽ حڪمت، سقل زندگي گذارڻ ۾ مدد ڪن ٿيون. جيئن اکين لاءِ روشني ضروري آهي، تيئن دماغ لاءِ ڏاهپ ۽ حڪمت جي ضرورت آهي. ان ڪان سواءِ دنيوي معاملات ڪي سمجهڻ ۽ صحيح فيصلا ڪرڻ ڏکيو ڪم آهي.

مطلب:

(١) ڏات ناهي ذات تي، جو وهي سو لهي.

(٢) ڏات، قدرت جو تحفو آهي.

### ٧٠.	ڍڻ آ سؤ پيرا، کهڻ آ هڪ پيرو. (پهاڪو)

مينهون، ڏڳيون، ڏُهي ۽ ڦر وني ڪائيبون ته ڏڻ پيو وٿاڻ ۾ وڌندو. کهبو يا وڪٽبو ته پوءِ جڻ جهاٽڪو ٿي ويندو.

مال ملڪيت مان، محنت سارو ٿورو، ٿورو ڪري نفعو حاصل ڪبو ته گهڻي وقت تائين وني سگهبو. گهٽو ۽ يڪدم ونبو، ته پوءِ ٿوريءَ دير لاءِ حاصل ڪري سگهبو.

جاءِ جي مسواڙ ڪائبي ته جاءِ به رهندي ۽ گهر جو گاڏو به پيو گهلبو. جاءِ هڪدم وڪٽبي ته نه جاءِ رهندي ۽ نه گهڻي وقت تائين منجهانئس فائدو حاصل ڪري سگهبو.

دڪان تي محنت ڪري ٿورو ٿورو نفعو گهر جي خرچ لاءِ ڪيبو ته دڪان به رهندو ۽ گهر به هلندو. تڪڙ ڪبي ته دڪان به ڪپي ويندو ۽ گهر جو گذران پڻ تنگ ٿي ويندو.

مطلب :

(١) سنگتين ڪان ٿورا ٿورا، سهنديءَ آهر ڪم ونجن.

(٢) ڏهي ڪائجي، کهي نه ڪائجي.

### ٧١.	ڏهون گهر، ڏائڻ به اورانگهي . (پهاڪو)

ڏائڻ، مُردا کدي ڪائيندي آهي. جيڪو سامهون آيس تنهن کي به کين چڏيندي آهي. انهيءَ جي باوجود هڪ اڌ گهر ٽاري به ويندي آهي يا رهجي به ويندو اٿس. هڪ اڌ گهر رهائڻ جي باوجود به ڪيس ڏائڻ سڏجي ٿو.

جيڪو ماڻهو ڪنهن به معاملي ۾ يار دوست جو به خيال نه رکي ۽ متائنس نه ٽري ته پوءِ ان لاءِ چا چئجي؟

مطلب:

(١) سيني سان چالاڪي / ظلم نہ ڪرڻ گهرجي.

(٢) انون گهر، ڏائڻ بہ اورانگهي.

(٣) ستون گهر، ڏائڻ بہ ٽاري.

## ٧٢. ڏيڻ تان وڏو ڏاج، پر ناهي مَٽُ نِوڙت جو. (چوٽي)

ڏاج: ڏيڻ يا ڏيارڻ، جيڪو مائٽ شاديءِ ۾ نياڻيءِ ڪي لائي لڳائي ڏيندا آهن. ڪابہ شيءِ ڏيڻ، وڏي ڏاج برابر آهي. ڏيڻ سان اڳلي جي دل موهي سگهجي ٿي. جڏهن تہ نِوڙت ساڻ ڏجي تہ ان ۾ ان ڪان وڌيڪ موهہ رکيل آهي.

مطلب:

(١) سخاوت سان گڏ، نهنائي بہ ضروري آهي.

(٢) عبادت سان گڏ، عاجزي بہ ضروري آهي.

(٣) سخاوت چڱي پر، نوڙت سان بہ دليون جيتي سگهجن ٿيون.

(۴) ڏجي نہ، تہ ڏڪوئجي بہ نہ.

## ٧٣. ڏيڻو لهڻي ڪي نہ پڇي، لهڻو ڏيڻي ڪي نہ پڇي. (پهاڪو)

ڏيڻ: سخاوت ڪرڻ يا قرض موٽائڻ، تمام وڏي شيءِ آهي پر لهڻو يا قرض ڪٽڻ ان ڪان وڌيڪ ڳورو آهي. قرض ڪٽي سخاوت ڪرڻ ۾ پورت نہ پوندي.

لهڻو: قرض جنهن تي رهت آهي، ان ڪي ڪيترو بہ دان پِڄُ ملي پر سندس قرض ڪڏهن بہ ڪين لهندو.

مطلب:

(١) قرض / لهڻو، هر حال ۾ ڏڪيو آهي.

(٢) قرض ڏيڻ بہ ڏکيو، موٽائڻ بہ ڏڪيو.

(٣) قرض: مرض.

## ٧۴. ڏينگهر ڪنئي سؤ ليڪو، پڇر ڪنئي هڪ ليڪو. (پهاڪو)

ڏينگهر ۾ ڪيئي بِينجها هوندا آهن ۽ ڳِهلجڻ وقت سمورن بينجهڙن جا نشان ٺهندا ايندا آهن. پڇر گهلڻ

سان پويان فقط هڪ ليکو نهندو ايندو. دنيا ۾ کي اهڙا ڪم هوندا آهن جن مان سوين ماڻهن کي فائدو پهچندو آهي. کي وري اهڙا ڪم هوندا آهن جن مان فقط ڪنهن هڪ اڌ وڏي ماڻهوءَ جو پيٽ پرجي سگهندو آهي. تنهنڪري اهڙو ڪم ڪجي، جنهن سان سوين غريب گهرن جي چلهه ٻري. ٻَريا، نہ پرجن.

مطلب:

(١) سؤ ڌڪ سوناري جو، هڪ ڌڪ لوهر جو.

(٢) هڪ شينهن جو شڪار، سؤ لومڙيون ٽيون ڪائين.

### ٧٥. ذهانت، ڪنهن جي ميراث ناهي. (چوڻي)

ذهانت: ڏات هر ڪنهن کي ربَّ تعالي طرفان تحفي ۾ ملي ٿي. ڪنهن کي گهٽ تہ ڪنهن کي وڌ. ڇو جو هر ماڻهوءَ جو دنيا ۾ معاملو ساڳيو ناهي. الله سائينءَ کي جنهن ماڻهوءَ کان دنيا ۾ جيڪو ڪم وٺڻو آهي، ان کي اهڙي ئي قسم جو ذهن بہ مرحمت فرمايو اٿائين. ان ۾ ٻئي ڪنهن جو داعو دخل بہ ڪونهي. نہ ڪنهن جي هٿان نہ ڪنهنجي مرضيءَ سان، بلڪ الله سائين پنهنجي حڪمت ۽ مصلحت تحت انسان تي ڏات جا راز  کوليا آهن.

مطلب:

(١) ڏات وغيره ربَّ تعالي طرفان مرحمت ٿيل آهي.

(٢) ڏات ناهي ذات تي، جو وهي لهي.

### ٧٦. رَنَ رُلي تہ پُلي، ڏاند رُلي تہ ڳُلي. (چوڻي)

عورت جو حسن ۽ رعنائي، عزت ۽ وقار، پردي ڪرڻ ۾ آهي. پردو پري ٿيڻ سان، حسن ۽ رعنائي اڏاميو وڃن. عزت ۽ وقار ڌوڙ ٿيو وڃي. عورت رولاڪ ٿئي تہ سمورو قدر وڃائي ڇڏي. جتان ڪٿان ٺُڏجي نڪري ۽ رُلندي وتي.

مرد يا ڍڳو، جيترو رُلندا، اوترو جسماني طرح مضبوط ۽ دماغي طرح کلندا ۽ ڪارائتا ٿيندا ويندا. ڪارائتي هئڻ سبب، هر جاءِ تي کين ڇڱو مان پيو ملندو.

مطلب:

(١) عورت، پردي ۾ ڇڱي آهي. مرد، زماني جي ڪمن ۾ ڇڱو آهي.

(٢) العورت عوراتٌ، مستوراتٌ بہ.

(٣) رن رُلي تہ پلي، مرد رُلي تہ ڳلي.

### ٧٧. رن زال جو پيٽو، نہ مَنهه وينو نہ مڪارڪي وينو،

### انهيءَ کي عقل وري چُٽ ڏانهون پينو . (چوڻي)

جنهن جو پيءُ وفات ڪري ويو هجي، تنهن کي محروميءَ جو احساس شديد ٿيندو آهي. هر ڳالهه تي پيو روئندو ۽ رڙندو، جهڄندو ۽ جهرندو آهي. انهيءَ ڪري کير به ڪيس، چڱي ڳالهه چوڻ يا نصيحت ڪرڻ ڪان پيو لنوائيندو آهي. آزمودگارن ۽ بزرگن جي رهنمائي نه ملڻ سبب، ڪو به ڪارائتو ڪم نه ڪري سگهندو، نه ئي وري ڪو علم يا عقل ئي پرائي سگهندو.

مطلب :

(١) جنهن جو ڏٽي ڏوڪي ناهي، تنهن وٽ عقل به ناهي.

(٢) چورو پار: دادلو / چلولو يا چريو / چور.

### ٧٨. زال نه سهڻو گهر، نه ته آهي ٻر جو ٻرُ. (چوڻي)

گهر جو سينگار، عورت جي محنت سان آهي. جيترو زال سگهڙ، محنتي ۽ گهرسان محبت ڪندڙ، اوترو گهر صاف سترو ۽ سڪون جي جاءِ هوندو. جيترو عورت اُڏريل/ بگڙيل هوندي، گهر جي حالت اوترو بگڙيل هوندي. گهر کي جنت / جهنم بنائڻ ۾ عورت جو هٿ ئي هوندو آهي.

مطلب:

(١) گهر-واري اها ڀلي، جيڪا سگهڙ هجي.

### ٧٩. زالن جو مڙس هڪڙو، مردن جو مڙس ڪوڪو. (پهاڪو)

حاڪم اهو آهي، جنهن جو حڪم هلي. عورت ۽ گهر لاءِ حاڪم: مڙس آهي. چار عورتون، پاڻ ۾ هڪٻئي جون ساهڙيون/ پهاجون آهن نه سندن وَرُ، هڪڙو ئي آهي. جڏهن نه سندن ان مڙس جو حاڪم، ان جو پيءُ آهي. شرط اِهو آهي نه اُهو جيئرو هجي. لازمي ناهي نه هڙني مڙسن جا پيئر جيئرا به هجن، تنهنڪري چئبو: انهن جو حاڪم ڪو ڪو آهي.

مطلب:

(١) مخلوق جو، خالق / مالڪ هڪ آهي.

(٢) ڏٽيءَ جو، ڪوبه ڏٽي ڪونهي.

### ٨٠. زبان، زر ۽ زن، جهيڙي جو ڪارڻ. (چوڻي)

جهيڙي / دشمنيءَ جي جڙ پاڙ ڪوٺبي نه مٿين ٽن شين منجهان ڪانه ڪا هڪ ضرور هوندي. خراب زبان سبب به ڪافي جهيڙا جهڳا ٿيا آهن. جيتري گهڻي دولت، اوتريون گهڻيون دشمنيون. اڻ واقف ۽ اڻ ڏٺل به پيا

ڪينس ڪندا ۽ عڪس پوندا. عورت جي حسن تي ﺑﻪ موهت ٿيڻ وارن جو تعداد وڏو آهي. جيڪڏهن سمورن جي ذهن جي سئي، هڪ ئي حسن تي اٽڪي پوي ته وڏا حداوسا، حسد ۽ عداوتون، پيدا ٿيو پون.

مطلب:

(١) زمين، زن ۽ زر، ٽينون قضيي ڪي گهر.

(٢) زر، زمين ۽ زن، جهيڙي ڪي جوين.

(٣) جنگهن ڏارائيءَ ڪان، وات ڏارائي خراب.

### ٨١. ستل، آهي مئل مثل. (چوٽي / پهاڪو)

ننڊ ۾ پيل جو ساهه ڪڍيو وڃي ٿو. جڏهن جاڳ ٿئي ٿي، تڏهن واپس وڌو وڃي ٿو. اهو ئي سبب آهي جو ننڊ واري تي ڪو ﺑﻪ شرعي حڪم لاڳو نه ٿيندو آهي.

مطلب:

(١) ننڊ موت جي ڀيڻ آهي.

### ٨٢. سچي ڳالهه، هميشه ڪؤڙي لڳندي آهي. (چوٽي)

سچ ٻڌڻ سان ماڻهوءَ کي پنهنجي عيبن تان قلعي لهندي محسوس ٿيندي آهي. عيب اگهاڙا ٿيڻ شرط، چڙي پوندو آهي. جيڪو حق تي زندگي گهاري ٿو، تنهن کي سچ ٻڌڻ مان ڪو ﺑﻪ پوءِ نه ٿيندو آهي. ڪوڙ تي ڪيس الٽو چڙ ايندي آهي. ناحق تي هلڻ وارو ۽ عيبدار ماڻهو پنهنجي ڪوڙي تعريف ٻڌي ڏاڍو خوش ٿيندو آهي.

مطلب:

(١) سچ مرچ، ڪوڙ ڳڙ.

### ٨٣. سرڪار، اونڌي کوپري. (چوٽي / پهاڪو)

سرڪار، عام ڀلائيءَ جي ڪمن لاءِ، وڏا وڏا منصوبا جوڙي متن وڏا خرچ ڪندي آهي. اها ڳالهه ڪنهن امير ڪبير جي وس جي ناهي. وڏا منصوبا جوڙڻ ۽ متن خرچ ڪرڻ ڪنهن سر ڦرئي جو ئي ڪم ٿي سگهي ٿو.

مطلب:

(١) سرڪار: اونڌي لوٽي.

(٢) سرڪار: فيل مست.

(۳) سرڪار: ماءِ باپ آهي.

(۴) سرڪار: ڪنهن جي ”چاچا ماما“ ناهي.

### ۸۴. سفر، آهي سقر (چوڻي)

سقر: دوزخ / جهنم ، تڪليف جي جاءِ آهي. اتي ڪوبہ سک ناهي. سفر جي دوران بہ تڪليف ٿئي ٿي. اڻ ڏٺل ماڻهن جي وچ ۾ وڃڻو پوي ٿو. اتي پاڻ تي تڪليف دور ڪرڻ لاءِ ٻين کان مدد وٺڻ بہ ڏکي هوندي آهي. سفر ڪرڻ پڄاڻان، البتہ روزي روزگار ۾ ڪشادگي حاصل ٿئي ٿي ۽ منجهانئس ٻيا بہ ڪيترائي فائدا آهن. وقتي تڪليف، مگر گهٽڻ کي منجهائي ڇڏيندي آهي.

مطلب:

(۱) سفر ۾ سهولتون گهٽ، تڪليفون وڌيڪ هونديون آهن.

(۲) سفر، وسيلہ ظفر. (ابتو)

### ۸۵. سک سمهہ ڙي ڪنيار، تنهنجا ڪچا ڪير نہ نيندو. (پهاڪو)

ڪنير جا ٿانوَ مٽيءَ مان جڙيل هوندا آهن، جن جي قيمت ڪا خاص نہ هوندي آهي. چور بہ چوريءَ لاءِ سر تريءَ تي تڏهن رکندو آهي، جڏهن اڳيان ڪيس ڪجهہ حاصل ٿيڻ جي اميد هجي. ڏسي وائسي، پَريل پُڪيل گهر ۾ ڪاٽ هڻندو آهي، جتان سون مين هٿ اچيس، جيڪو ڪٽڻ ۽ لڪائڻ ۾ آسان، وڪڻڻ ۽ ڪمائڻ ۾ مهانگو/ مُلهائتو هجي. باقي ڪنير جي گهر ۾ ڪاٽ هڻڻ مان، مزوريءَ جيترا بہ پئسا ڪون ملندس تہ پوءِ خفا ڇا لاءِ ڪري؟

مطلب:

(۱) ڍڳو نہ ڍور، ڇا ڪاهيندو چور؟

(۲) پيٽيو: سک سمهن ڪنيار، چور نہ چائن مٽي.

### ۸۶. سڪڻو ڦيڻو، سور ٻيڻو. (طبي پهاڪو)

دعا تعويذ بہ تڏهن اثر ڪندو آهي، جڏهن پڳر يا نذرانو ڏئي، لکندڙ جي دل ٺاربي. رب تعالي مختلف ذريعن سان مختلف ماڻهن جي روزيءَ روٽيءَ جو بندوبست ڪيو آهي. تنهنڪري ڏيڻ جو رواج پاڻ ۾ رکجي تہ چڱو. ائين ٻين جي دل بہ وٺي سگهبي ۽ معاشي معاملا بہ سلجهيل رهندا.

مطلب:

(۱) نلهو ڦيڻو، ٻرو ٻيڻو.

(۲) سڪڻي دعا، پٽ برابر.

### ٨٧. سڪيي ستابي ياءُ کان، پنهنجي ايري سيري پوک ڀلي. (زرعي چوٽي)

جنهن ماڻهوءَ وٽ، جيترو به آهي سو پنهنجي سِر تي استعمال ڪرڻ لاءِ آهي. ٻئي ڪي ان ۾ آسرو نه رکڻ گهرجي، بلڪ پنهنجي ٻارڻ چاڙهڻ گهرجي. ياءُ جي ملڪيت ۽ مدد ۾ نگهه / واجهه وجهڻ مان ڪوبه فائدو نه پوندو. پنهنجي ايري سيري، روزگار جي ٽڪريءَ / نيهي تي ياڙڻ چڱو آهي. ان ۾ ئي دلي سڪون آهي.

مطلب:

(١) وقت تي، رکيل مُوڙي ڪم اچي.

(٢) ”ڪڏ !“ چي: ”جيءُ سڏ !؟“

(٣) ادل گهر گهوڙي، ڪا مون هڻ هڻ.

### ٨٨. سندي ساٽيهه، ڪِهه ڪٿوري پانئيان . (چوٽي)

وطن جي هر شيءِ ۾ ڪشش رکيل آهي. مٽيءَ ۽ پاڻيءَ ۾ به هٻڪار رکيل آهي، جنهن جهڙي طراوت پرديس جي مشڪ ۽ ڪٿوري، عطر ۽ عنبير مان به ڪين حاصل ٿيندي آهي.

مطلب:

(١) وطن / ڏيهه جهڙي حُب، ٻي جاءِ سان نه ٿي ٿي سگهي.

(٢) وطن جو اڌ ٽڪر، ٻاهر جي سڄي مانيءَ کان به وڌيڪ.

(٣) وطن جي مٽي به، مُشڪ برابر.

(۴) ڏيهه چڱڻ، ڏيهي چڱڻ، ڏکيا ڪم.

(۵) ڳوٺ جو رستو ڏسي، ڏاند به ڏورٽا ڀڄندا آهن.

### ٨٩. سوال: ٻِ- مُنهِين ترار. (چوٽي)

سوال، ڀلي ان جي موت ۾ مراد پوري به ٿي وڃي، تمام خراب آهي. ماڻهوءَ جي عزت ۽ وقار، خاڪ ۾ ميلو وڃي. ترار جي ڌڪ سان ، ماڻهوءَ کي ايترو ڇيهو نه ٿو رسي، جيترو سوال ڪرڻ سان سندس وقار ۽ ناموس، عزت ۽ قدر، مجروح ٿين ٿا.

مطلب:

(١) سوال ڪرڻ کان، هر هميشه پاسو ڪرڻ گهرجي.

(٢) سوال ڪندڙ جي منهن جو پنو، لٿل هوندو آهي.

(٣) سوال، ويچارو آهي.

### ٩٠. صالحن جي صحبت پارس مثل آهي، جنهن کي ملي، سو سون مثل آهي. (چوٽي)

پارس هڪ فرضي پٿر آهي، جنهن لاءِ گمان آهي ته جيڪڏهن لوهه ساٽس ٽڪرائيندو ته سون ٿي پوندو. چڱن جي صحبت لاءِ مٿيون مثال، بلڪل ڪافي آهي. صالح ۽ صوفي، عالم ۽ اولياءَ جي صحبت مان جنهن کي ماسو ملي، سو به رڱجي لال ٿي وڃي ٿو.

مطلب:

(١) چڱن سان چاهه پئي، جي من ميڙ ڪيائين. رڱجي ته لال ٿيندو، نه ته ڪڪوربو ته سهي.

(٢) صحبت صالح ترا صالح ڪند، صحبت طالح ترا طالح ڪند. (فارسي)

### ٩١. صبر سان موتي ٿئي، سِپ ۾ ڦڙو. (چوٽي/پهاڪو)

سِپَ، سمند اندر پئدا ٿئي ٿي. سندس پيٽ ۾ اگر، برسات جي صاف پاڻيءَ جو قطرو پوي ته اهو موتي ٿي پوندو آهي. انهيءَ سبب ڪري، سمند جي سِپَ، وات پٽي، مينهن ڦڙي لاءِ ابر آسري انتظار ڪندي آهي. برسات جي پيل اوچتي ڦُڙِي، سندس انتظار جا ٽڪ لاهي ڇڏيندي آهي. شرط آهي ته صبر ۽ تسلسل سان، سِپَ انتظار ڪري، جيڪڏهن ابهري ٿئي ۽ صبر نه ڪري ته انهيءَ نعمت کان محروم ٿي وڃي ٿي.

مطلب:

(١) صبر جن جوسير، تير نه ڳسي تن جو.

(٢) صبر، وڏي وٿ آهي.

(٣) ڳالهائڻ چاندي، صبر سون.

### ٩٢. صحت جو قدر، بيمار کان پڇو؟ (طبي پهاڪو)

ججهي تعداد ۾ موجود شيءِ پنهنجو قدر وڃائي ويهندي آهي. جڏهن اها ڪسبي آهي، تڏهن منجهانئس پهچندڙ نفعا / فائدا رڪجي ويندا آهن. ان جو قدر پوءِ ئي ٿيندو آهي. صحت به جنهن وقت آهي ته ماٺهو بي قدرو ٿي انڌ جي گهوڙي تي ڊڪي ٿو. غلط ڪمن ۾ هٿ وجهي، جڏهن اها نعمت ڪسائي ٿو، پوءِ سندس اکيون کلي وجن ٿيون. چو جو بيماري، ايندي ته اوچتو آهي پر ڇڏيندي پنهنجي مُداءَ تي آهي.

مطلب:

(١) جوانيءَ جو قدر، پوڙهي / جڏڙي کان پڇجي.

(٢) نعمت جو قدر، نادار کان پڇجي.

(٣) پيءُ ماءُ جو قدر، يتيم کان پڇو.

(۴) هٿن جو قدر، ٽُنڊڙن کان پڇو.

### ٩٣.	صحيح ادب، حياتيءَ جي تنقيد آهي. (چوٽي)

حياتي، سمورين نعمتن منجهان وڏي نعمت آهي. ان کي ئي صحيح نموني سان استعمال ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن غلط ڪمن ۾ صرف ٿي وئي ته پوءِ هَڙَ هلي وئي. زندگي صحيح نموني سان گذارڻ لاءِ، ڪي ڏاهه ڏيندڙ ۽ راهه ڏيکاريندڙ، رهنما اصول مقرر ٿيل آهن يا وضع ڪرڻا پوندا آهن. اهڙن اصولن تي مبني ادب، زندگيءَ جي تنقيدي اڀياس بعد تخليق ٿئي ٿو ۽ ڪارائتو پڻ رهي ٿو.

مطلب:

(١) ادب، زندگيءَ ۾ رهنمائي ڪندو آهي.

(٢) جنين ادب، تنين عجب.

### ٩۴.	عالم اهو، جو عامل هجي. (چوٽي)

علم ۽ عمل جو پاڻ ۾ براه راست ڳانڍاپو آهي. علم پرائبو ئي عمل ڪرڻ لاءِ آهي. علم پرائڻ کانپوءِ متس عمل نه ڪبو ته ضايع ٿي ويندو. اهڙو علم حاصل ڪندڙ، جڻ پنهنجو وقت اجايو وڃائي ڇڏي ٿو. متس ڪيل خرچ جڻ ضايع ڪري ڇڏيائين.

مطلب:

(١) جنهن وٽ علم سان گڏ عمل آهي، سوئي حقيقت ۾ عالم آهي.

(٢) عمل ڪرڻ سان علم، پڪو ۽ پختو، جوان ۽ ڦلدار ٿئي ٿو.

(٣) عمل کانسواءِ علم ، جيئن ڪتابن سان ستيل گڏهه.

(۴) عمل کانسواءِ علم، فائدو ڪين ڏيندو آهي.

### ٩۵.	عزت / ذلت رب جي هٿ آهي. (چوٽي)

عزت ۽ ذلت، پئسن سان خريد ڪري نه سگهبيون آهن. گهڻي دولت وارا، خوار خراب نظر اچن ٿا. جڏهن ته هٿين خالي به عزت وارا ڏٺا ويا آهن. ڪمزور جسم وارا، سرمائيدار ۽ معزز ٿي سگهن ٿا. سالم ۽ جاندار جسم وارا، سجا ۽ ذليل ٿي سگهن ٿا.

مطلب:

(١) خدا تعاليٰ جنهنکي عزت بخشڻ چاهي، تنهنکي ڀُنگين ۾ بہ بخشي. جنهنکي خوار ڪرڻ چاهي، تنهنکي بنگلن ۽ ماڙين، قلعن ۽ ڪوٽن ۾ بہ خوار خراب ڪري ڇڏي.

(٢) عزت اها آهي، جيڪا رب ڪرائي.

### ٩٦. عقلمند دماغ سان ڳڻ، خاموش زبان بہ هوندي آهي. (چوٽي)

دانشمندي، گهٽي ڳالهائڻ ۾ نہ پر سوچي سمجهي ڳالهائڻ ۾ آهي. ڪڏهن ڪڏهن زبان سان ڳالهائي ايترو اثر نہ وجهي سگهبو آهي، جيترو صبر ۽ چُپ ۾ رهي، وجهي سگهبو آهي. صبر جهڙو تہ هٿيار ئي ڪو ڪونهي. تير ۽ تلوار گسي سگهن ٿا، صبر ڪين گسندو آهي.

مطلب:

(١) گهٽي بڪ بڪ قدر وڃائي ٿي، ڇُپ قدر ڪرائي ٿي.

(٢) ڳالهائڻ چاندي، صبر سون.

(٣) مُٺِ پيڙيائي پلي، اپٽي تہ واءُ. پٽر پيئي ڳالهڙي، ڇڏي ويندي ساءُ.

(٤) داناءُ، لباڙي نہ ٿيندو آهي.

(5) Listen hundreds, ponder thousands, speak ones.

پيٽيو: جنهن ماٺ ڪئي، سو ڇٽو.

### ٩٧. عقلمند، سوچي پوءِ ڳالهائي. بي عقل، ڳالهائي پوءِ پڇتائي. (چوٽي)

عقلمندي، سوچي پوءِ ڳالهائڻ ۾ آهي. ڳالهائي پوءِ سوچڻ ۾ ناهي. نڪتل گفتو، پوءِ سوچڻ تائين، پنهنجو اثر ڏيکاري ويندو آهي. پوئين سوچڻ مان، سواءِ پڇتاءَ جي ڪي بہ ڪين حاصل ٿيندو آهي. ڏڌل ڪير ٽٽين نہ پوي. نڪتل گفتو ۽ ڇٽل تير بہ موٽي ماڳ نہ ٿا اچن. پلو انهيءَ ۾ آهي تہ سوچي سمجهي ڳالهائجي. ٻيءَ صورت ۾ سُنُ ڦڪي وڃجي.

مطلب:

(١) ڳالهائڻ کان اڳ، سوچجي.

(٢) پهرين تورجي، پوءِ اورجي.

(٣) پهلي تولو، ڦر بولو. (اردو)

### ٩٨. علم جيترو ڪپاءِ، اوترو وڌي. (چوٽي)

دنيا جي هر مادي دولت، ڪپائڻ سان کٽندي آهي. جڏهن ته علم ۽ عقل واريون وٿون، ورهائڻ ۽ ونڊڻ سان ٻين کي فائدي پهچائڻ سان گڏوگڏ ورهائڻ واري وٽ به وڌنديون ويجهنديون رهنديون آهن. بند ڪري رکڻ سان علم / عقل ذهن ۾ دٻجي سُسندو ۽ سوڙهو ٿيندو ويندو آهي. انهن جي ڪپائڻ ۾ ئي ڀلائي آهي.

مطلب:

(١) جيترو ٿي سگهي، علم ٻين تائين پهچائجي.

(٢) ڏيئي مان ڏيئو، ٻري ٿو.

(٣) علم ڏيڻ سان، وڌي ٿو. نہ ڏيڻ سان، کٽي ٿو.

(۴) دولت کي باهہ ۽ چور جو ڊپ ڏاءُ، علم کي نہ ڪير لٽي، نہ لڳيس ڪوسو واءُ.

### .٩٩ عورت تہ گهر، مرد هَرُ. (چوڻي)

عورت جو شان ماڻُ، گهر جي سنڀال ۽ ان اندر گذارڻ ۾ آهي. سندس پردو بہ رهي ٿو ۽ گهر بہ رونق وارو رهي ٿو. گهر ۾ عورت جي محنت سان برڪت پوي ٿي. جڏهن تہ مرد جو شان ۽ وقار ٻاهرين ڪمن ڪارين ڪرڻ ۾ آهي. ان سان گهر جي ڪمائي وڌي ٿي ۽ مرد جو عقل پڻ وڌي ٿو. عورت گهران نڪتي يا مرد گهر ۾ نِڪمٽو ٿي وينو تہ گهر ئي تباهہ ٿي ويندو.

مطلب:

(١) هر هڪ کي پنهنجي پنهنجي ماحول (environment) ۾ رهي، ڪم ڪرڻ ۽ زندگي گذارڻ گهرجي.

(٢) گهر جي سنڀال گهر واريءَ سان، ڪاروبار جي سنڀال مرد سان آهي.

(٣) عورت تہ ايٽ، مرد تہ ڪيٽ.

### .١٠٠ عورت جو مرڪ آهن چار چيز: چَڪي، چُلهہ، چَرخو ۽ چادر. (چوڻي)

گهر جا چار ڪم تہ ڪنهن بہ صورت ۾ عورت کي ئي سنڀالڻ گهرجن، مرد جي سنڀالڻ کان ڇڙهيل آهن. جيڪڏهن مرد کي انهن جي ذميواري سونپبي تہ هيڪاري بگاڙي وجهندو. عورت سنڀالي بہ سگهندي ۽ ڪيس سونهن بہ ٿا. اهي ڪم آهن.

اٽو ٻاٽ ۽ اَنُ وغيره، ڇڙڻ چنڊڻ ۽ سانڍڻ.

ماني ٽڪي ڪرڻ. گهر ڀاتين کان علاوه، مهمانن وغيره جي ڪاڻِ خوراڪ لاءِ بندوبست ڪرڻ.

ڪپڙو لٽو ڌوئڻ ۽ سنڀالي رکڻ. وقت تي استري ٿيل ڪپڙو، مڙس سميت ٻارن کي پارائڻ وغيره.

پردي ۾ ۽ حياءَ سان حياتي گذارڻ. ٻين آڏو، ڏندڙا نہ ٽيڙڻ.

مطلب :

(۱) گهر جو سمورو ڪاروبار، عورت کي سنڀالڻ گهرجي. ان ۾ ئي برڪت، عزت ۽ شرف آهي.

### ۱۰۱. قسم، نہ ڏني چڱو نہ وتي چڱو. (چوٽي)

هر ڳالهہ تي قسم ۽ قرآن ڏيڻ وارو، پنهنجي عزت ۽ اعتبار تہ وڃائي ٿو پر ڪٽڻ وارو پڻ پنهنجو وقار وڃائي ويهي ٿو. ڪوڙي ڳالهہ لاءِ ڪنيل قسم / قرآن، ماڻهوءَ کي وَٽُ ڪندو آهي. دانشمندي انهيءَ ۾ آهي تہ دنيا جو نقصان نقصان برداشت ڪري وڃجي ۽ قسم / قرآن ڪٽڻ کان پاسو ڪجي.

مطلب:

(۱) قرآني ۽ قسمي ماڻهوءَ مان ٻين کي تہ ٺهيو پر پاڻ کي بہ نقصان ئي پوندو آهي.

(۲) اعتماد ڪجي ۽ اعتماد ويهارجي.

### ۱۰۲. ڪاٺ جي ڪني، ٻاهہ تي صرف هڪ دفعو چڙهي. (پهاڪو)

دنيا ۾ ڪن کي ڪمزور، ڪن کي طاقتور ڪري پيدا ڪيو ويو آهي. ڏاڍي ۽ هيڻي جو ميل، ڏکيو ئي ٿيندو آهي. ٻاهہ ساڙڻ جو ڪم ڪري ٿي. ڪپهہ آڏو آٽبس تہ ان کي ساڙي ڇڏيندي. هيڻي کي ڏاڍي جي آڏو وڃڻ ۾ نقصان آهي. ويندو تہ بچي ڪين سگهندو.

مطلب:

(۱) هيڻي کي، ڏاڍي کان پاسو ڪرڻ گهرجي.

(۲) ڪمزور، ڏاڍي آڏو ٽڪي نہ سگهندو .

(۳) ڏاڍي نال شراڪت، چلدي ناهين.

پيٺيو: ڏاڍي نال وَپار، ڏيندي گهِندي سائين.

### ۱۰۳. ڪارو نانءُ ڪانون جو، ملڪ ڦري ويا ڳيرا. (پهاڪو)

ڪارو تہ الله کي پيارو هوندو آهي. البتہ ڪانون جي اوجهاڪڙ ۽ ڦرلٽ واري طبيعت سبب، سندن رنگ ۽ حرڪت، ڪنهن کي بہ نہ وڻندي آهي. ڳيرا، پنهنجي نرم طبيعت ۽ نماڻائي واري انداز سان، ڪانون جي ڀيٽ ۾، چڱو خاصو ڪائي ويندا آهن، ۽ متن ڪنهن کي بہ ڪاوڙ نہ ايندي آهي.

مطلب:

(١) چڱي سياءُ وارو، غلط ڪم ڪري تہ بہ متس چڙ نہ ايندي.

(٢) نالو بد ڪانون جو، ملڪ ڳيرا کائي ويا.

(٣) نالي چڙهيو چور ڦاهيءَ چڙهي، نالي چڙهيو واپاري ڪٽيو کائي.

(۴) سهٽيون سيڏائن، لنديون لاڏ ڪن. (ابتو)

١٠۴. ڪاريهر جي ٻُر متان جيڪو لنگهائي لنگهہ،
جي نہ ڳڙڪائي جنگهہ، ڪاريهر ڪيئن ڪوٺجي. (پهاڪو)

ڪاريهر نانگ جي اَڏَ آهي تہ جيڪو ساڻس ڪينس ڪندو، تنهن سان عڪس پئجي ويندو. اهڙو وير رکندس جو آکهہ ئي اُمِ ڪان ڳر ڪري ڇڏيندس.

مطلب:

(١) ڪاريهر نانگ سان نہ اُڃائجي.

(٢) ڪاريهر جي ٻر ۾ وجهبي پانهن، تہ ڪرائيندو دانهن.

(٣) ڪاريهر / ڪاريءَ جي هڏي تي پير اچڻ سان بہ موت واقع ٿي ويندو آهي.

١٠۵. ڪر ڪار تہ ڪانئر نہ ٿئين، ڪارئون نہ پاٺءِ تہ ڪافر نہ ٿئين. (چوٽي)

دنيا ۾ لوچي ڪائڻ لاءِ انسان ڪي هٿ پير مليل آهن. اهي هلائي ڪمائيندو تہ ڪنهن جي آڏو نہ هٿ ڊگهيڙڻو پوندس ۽ نہ ئي شرمساري ڪٽڻي پوندس.

ڏيڻ وارو فقط الله آهي. ڏيڻ لاءِ ڪنهن بہ بهاني جو محتاج ناهي. جيڪو ڪجهہ ملي تو سو ڪائنس پائنجي. پنهنجي محنت ۽ پنهنجي جسم تي نہ ناز ڪجي ۽ نہ ان منجهان پائنجي ائين. ڪرڻ بہ ڪفر ۾ ڌڪي ڇڏيندو آهي.

مطلب:

(١) محنت وارو ٻين جو محتاج نہ ٿيندو .

(٢) اسباب تي يقين رکڻ وارو، مسبب الاسباب کي وساري ويهندو آهي.

١٠٦. ڪميٽي ڪاڏو ڪانءُ، چي: "پکي ڏند جو!" (پهاڪو)

بدمعاش ۽ بدقماش، چوري ۽ زنا، ڦر ۽ ڌاڙي، جوئا ۽ شراب جي ڪمائيءَ کي محنت ۽ مشقت سان حاصل ٿيڻ سبب جائز سمجهي ڪائيندو آهي.

مطلب:

(١) بدمعاش، حرام کي حلال سمجهي کائيندو آهي.

### ١٠٧.  ڪنهن جو ڪلڻ ٻه ڪيٽ، ڪنهن جا ويڻ ٻه ورونهن. (چوٽي / پهاڪو)

جهڙيءَ طرح ماڻهوءَ جي طبعيت جون ڪيفيتون ڦرنديون رهن ٿيون، تهڙيءَ طرح سندس پسند جا معيار ۽ زاويا ٻه بدلبا رهن ٿا. ڪڏهن پيل نقصان تي پيو ڪلندو آهي ته ڪڏهن خوشيءَ جي موقعي تي ٻه ڳوڙها ڳڙي پوندا اٿس. ڪڏهن من ماکوڙي هوندس ته ڪڏهن ڪيهر شينهن.

ڪڏهن ڪنهن جي سونهن کان نفرت پئي ايندي، ڪڏهن ڪنهن جو ڪارو رنگ ٻه پيو وڻندو. ڪڏهن ڪنهن جو ڪلڻ ٻه ننول پئي محسوس ٿيندي. ڪڏهن ڪنهن جي طعنن تنکن کي ٻه نصيحت پيو سمجهندو ۽ تورائتو پيو رهندو. انساني طبعيت جا ٻه ويرا آهن. پوءِ جهڙي گيڙ تي بيهي.

مطلب:

(١) ڪنهن کي ڪارو ٻه پيارو لڳي، ڪنهن کي اڇو ٻه ڪڪڙ جو پَچو لڳي.

(٢) ڪنهن جو عيب ٻه وڻي ته ڪنهن جي خوبي ٻه خراب لڳي.

(٣) ڪنهن جو ڪلڻ ٻه خواري، ڪنهن جو روئڻ ٻه راحت.

### ١٠٨.  ڪوري چا چاٽي، ڪباب مان. (پهاڪو)

ڪباب، سوادي ۽ محنت سان تيار ٿيل کاڌو آهي. ذائقيدار هئڻ سان گڏ دير هضم پڻ آهي. ان کي هضم ڪرڻ لاءِ مضبوط آندو ۽ ڪسرتي بت گهرجي. ان جي برعڪس ڪوري ماڻهو سڄو ڏينهن آڏاٽي تي ويهي، ڌاڳي تي محنت ڪري چار ڏوڪڙ گڏ ڪن، تن کان نه ڪباب جا خرچ برداشت ٿي سگهندا، نه ئي مرچ مصالحا هضم ٿي سگهندا. هڪ هنڌ ويهڻ واري ڪوريءَ کي هضم ڪرڻ لاءِ زود هضم کاڌا گهرجن.

مطلب:

(١) گڏهه چا چاٽي، گلقند مان.

(٢) ڪتو چا چاٽي، ڪٽڪ جي مانيءَ مان.

(٣) لچ چا چاٽي، چگائيءَ مان.

### ١٠٩.  ڪاٽيل پلي، چلهه جي ويجهو نه اچي. (پهاڪو)

جنهن کي جتان هڪ دفعو فائدو پيو، سو وري وري پيو ات ايندو. جنهن کي جتان هڪ دفعو نقصان پيو، سو اتان لنگهڻ وقت ڏاڍو محتاط پيو ٿيندو.

مطلب:

(۱) تونِ واري ڏنڊي ڪان، هرڪو وڻُ پيو ويندو آهي.

(۲) ڪير جو ڪانيل، چاڃ ڦوڪي پيئي.

(۳) ڪتيءَ ڪي لڳي چنواتي، تارا ڏسي پئي رُوڙِي.

### ۱۱۰. گدڙ ڪي هر ڪو سڃاڻي، گدڙ ڪنهن ڪي نہ سڃاڻي. (پهاڪو)

گدڙ، بزدل پر چالاڪ جانور آهي. چالاڪيءَ سبب، مڙني اڳيان پاڻ ڪڏائي پيجي تہ ويندو آهي، پر سندس حرڪتون ڪنهن جي نظر ڪان اوجهل نہ رهنديون آهن. جنهن تي مڙني جون نظرون هجن، اهو پلي ٻين ڪي نہ ڏسي يا نہ سڃاڻي پر سمورا ڪيس سڃاڻن ٿا.

مطلب :

(۱) مشهورِ زمانہ ماڻهوءَ ڪي، ڪير نہ سڃاڻي؟

(۲) ڪاڻءَ ڪي، هرڪو سڃاڻي.

(۳) گدڙ جي گونهن ۾ ڪم پوي تہ انگاس تي چڙهي هنگي اچي.

### ۱۱۱. گڏهہ تي ٻورو پلو، مڙس تي تورو پلو. (چوٽي)

گڏهہ ڪي خلقيو ئي وزن ڍوئڻ لاءِ ويو آهي. سندس نہ گوشت ڪم جو آهي ۽ نہ ئي ڪير وغيره. جيڪڏهن مٿس وزن نہ ڍوئڻ وارو تورو ڪبو، تہ بہ مڃيندو ڪونہ. ان ڪان بهتر آهي تہ تورو ڪنهن مڙس ماڻهوءَ تي ڪجي ۽ گڏهہ تي نہ ڪجي.

مطلب:

(۱) گڏهن سان سوٽي ذريعي ۽ مڙسن سان احسان ذريعي ورتاءُ ڪجي.

(۲) جيڪو جنهن ورتاءَ لائق آهي، تنهن سان تهڙو ورتاءُ ڪجي.

(۳) عزت واري جي عزت ڪجي ۽ لچ ڪي بہ نظر ۾ رکجي.

### ۱۱۲. گڏهہ گهوڙو نہ ٿئي، توڙي سونا وڃهجنس سنڃ، پاٽيون وڃهجنس پنڃ، تہ بہ ڊوڙيو وڃي گونهن تي. (پهاڪو)

اُچا ڪپڙا پهرڻ سان، ماڻهوءَ جي طبيعت خراب مان پلي نہ ٿيندي. پئسن اچڻ سان عقل ۾ واڌارو نہ ايندو. سون پائڻ سان، نہ حسن ۾ واڌارو ايندو ۽ نہ ئي طبيعت ۾ سُياءُ / من ياءُ پيدا ٿيندو.

مطلب:

(١) لچ اشراف نہ ٿيندو، توڙي سؤ نصيحتون ڪجنس.

(٢) اڪ، انب نہ ٿئي، توڙي جال پيارجيس جَلُ / جَرُ.

(٣) سوئر ٻڪري نہ ٿيندو، توڙي سَوَ تڪبيرون پڙهجنس.

### ١١٣.  ڳل رکبو آهي ڳوڙهو، وهہ جو پربو آهي ڏڪ. (چوڻي /پهاڪو)

دنيا ۾ آيل تڪليفن سبب ڳوڙها فطرتًا ڳڙي پوندا آهن. جڏهن تہ نقصان جو تدارڪ ڳوڙهن وهائڻ سان نہ ٿي سگهندو آهي. نقصان برداشت ڪرڻ لاءِ زهر جو ڍڪ پرڻو پوندو يا ڪؤڙي گوري ڳيهڻي پوندي آهي. پيل نقصان سبب آيل اُٻڙڪن ڪي ٻہ، هَپُ ڪري پي وڃبو آهي. تڏهن ئي زندگيءَ جو گاڏو گڙندو. ٻي صورت ۾ وري ٻہ پنهنجي ئي جان جو نقصان آهي.

مطلب:

(١) تڪليف سهي وڃبي آهي پر اک مان ڳوڙهو وهڻ بہ فطري عمل آهي.

### ١١٤.  ڳڻ ڪجي، ڳڻ پرڪجي، ڳڻ ڪجي ڳڻهار سان، بدوءَ بيڪار سان، ڪيو ئي ڪلر ۾ وڃي. (چوڻي)

احسان بہ ماڻهوءَ سان ڪبو آهي، جيڪو ان مان ڄاڻي. بي قدري سان احسان ڪبو تہ اهو ڳچيءَ پئجي ويندو. ناروا سلوڪ سان بي قدري تہ ڪندو پر خلق خواري تنهن ڪان علاوه ٿيندي.

مطلب:

(١) چڱائي، قدردان سان ڪجي.

### ١١٥.  گهرج ڏاران ٻولڻ، ابروءَ جو زيان. (چوڻي)

ڳالهائڻ بہ وقتائتو نهندو / سونهندو آهي. بي وقتو ۽ فضول ڳالهائڻ، خورايءَ جو سبب ٿيندو آهي. ڳالهائڻ وقت، ڪچهريءَ جو موضوع ۽ ويٺلن جي خيالن جو معيار ذهن ۾ رکي ڳالهائجي. ٻيءَ صورت ۾ خواري ۽ ڪکائپ ٿيڻ جو انديشو رهي ٿو.

مطلب:

(١) جهڙي ڪچهري، تهڙو گفتو ڪجي.

(٢) ڳالهائڻ وقت ڳالهائجي، چُپ رهڻ وقت چُپ رهجي.

### ١١٦. گهٽي نہ داپائي، تي داپائي. (چوڻي)

انسان جي پيٽ پرڻ لاءِ هڪڙي مانيءَ، اوگهڙ ڍڪڻ لاءِ هڪڙي وڳي، آرام ۽ ننڊ ڪرڻ لاءِ هڪڙيءَ کٽ يا بستري، رهڻ لاءِ هڪڙي ڪمري واري گهر جي ضرورت هوندي آهي. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ڪيس حرص الائي ڪيترين آمدنين ۽ وڳن، بسترن ۽ بنگلن جو هوندو آهي. انهن جي هجڻ سان بہ ڍؤ نہ ٿيندو آهيس. جڏهن تہ شڪر گذران ڪي ٿوري شيءِ مان بہ ڍؤ ٿي ويندو آهي.

مطلب:

(١) گهٽي شيءِ مان اڪين کي بہ ڍؤ نہ ٿيندو آهي.

(٢) گهٽي سان نہ پر هئڻ سان ڍؤ ٿيندو آهي.

### ١١٧. لاهن ڪان لاڙو، ڪيو ڪين جنهن، هَرُ ، ڪلي ۽ ناڙو، ٿيئي تنهن جا زيان ٿيا. (پهاڪو)

زمين ۾ ٻيلن جهنگلي وڻ، پاڙئون ڪيڻ پڄاڻان ئي زمين کي فصل پوکڻ لائق بنائي سگهجي ٿو. وڻ پاڙ وٽان وڍڻ ڪان پوءِ سندن پاڙون يا لاهہ زمين ۾ رهجي ويندا آهن، جيڪي هَرَ ڏيڻ وقت گهوبي ڪي پيجندا آهن ۽ فصل /سلي کي ايرڻ ڪين ڏيندا آهن. ان ڪري ڪڙميءَ کي لازمي جڳائي تہ ٻنيءَ کي فصل لائق بنائڻ لاءِ، پهرين منجهانئس لاهہ ڪڍي، ٻيءَ صورت ۾ ڪيل محنت، چٽيل ٻجُّ ۽ ريج وارو پاڻي، سمورا ضايع ٿي ويندا.

مطلب:

(١) لچ ڪان تارو ڪجي، ور نہ نقصان ئي رسندو.

### ١١٨. لب لعنتير، طمع حرام. (چوڻي)

لالچ ۾ ماڻهو ٻئي جو خيال نہ رکندو آهي. پنهنجي غرض حاصل ڪرڻ لاءِ بدتميزي بہ ڪندو آهي يا اخلاق ڪان بہ هيٺ ڪري پوندو آهي. جنهن سبب ڪانئس پري رهڻ لاءِ چيو ويو آهي. طمع / ستَ ڪرڻ يا دل ۾ تلڻ / خيال پچائڻ تہ: ”فلاڻو جيڪر مون تي مهربان ٿي پوي ۽ فلاڻي شيءِ مرحمت ڪري وجهي وغيره“ پڻ غلط آهي. اڳلي سان بہ ڪي اڻ تر مجبوريون لاحق ٿي سگهن ٿيون. انهن جي ڪري مذڪوره تمنائون پوريون نہ ڪري سگهندو هجي. اهڙي اميد رکڻ ڪان بہ منع ڪئي وئي آهي. تمنا نہ پوري ٿيڻ جي صورت ۾ ساري عمر لاءِ ڦِڪت ٿي پوندي آهي.

مطلب:

(١) لالچ کي لعنت ۽ طمع کي حرام چيو ويو آهي.

### ١١٩. لڪڻ لائو، ڏاند پرائو. (پهاڪو)

ڏاند کي هَرَ يا نار، گهاڻي يا ٻيل گاڏيءَ ۾ وهائڻ لڪڻ ڪان سواءِ آسان ناهي. اهي مڙيئي ڏکيا ۽ اهنجا

ڪم آهن، جيڪي ڏٺو ئي ڪري سگهي ٿو. پر شرط اهو آهي ته ڪاڏي سان گڏ ڳاڏيءَ تي ويٺل ڪيس لڪڻ جي مهميز ڏيندو هلي. بيءَ صورت ۾ ڪتر تي پوندو ۽ ڪم وقت ٻوڙن ۾ لڪندو وتندو.

مطلب:

(۱) لڪڻ جو صرفو ڪبو ته پار ڪري پوندو.

(۲) سوٽي هجي ساڻ، گڏهه گوهي نه ڪري.

### ۱۲۰. ماتا، ماري يا ڪاري. (چوڻي)

ماتا بيماريءَ جو نالو آهي، جيڪا اڪثر ننڍن ٻارن کي وچڙندي آهي. گهر گهر ۾ ڦهلجي ويندي آهي. جنهن سبب گهڻا ٻار مري ويندا آهن. جيڪي بچي ويندا آهن تن جا به چهرا ڇُڳهن / نشانن سبب بگڙجي ويندا آهن.

مطلب:

(۱) بيماري، بگاڙي يا ماري.

### ۱۲۱. ماڪوڙن جي گهر ۾، مڙيوئي ماتام. (پهاڪو)

ماڪوڙا، ٻرُ ۾ تمام گهڻي تعداد ۾ رهندا آهن. جنهن سبب ٻرُ سوڙهي ۽ پاڻ گهڻا تي پوندا آهن. ٿوري به مصيبت، پاڻيءَ يا ڪڙڪي جي صورت ۾، جڏهن متاثر ايندي آهي ته پوءِ رستو هٿ نه ايندو اٿن. هيڏي هوڏي پيچ پچان هوندي اٿن. ماتم وارو منظر نظر پيو ايندو آهي.

مطلب:

(۱) مظلوم ۽ غريب، جهُڙيءَ ڦڙيءَ وقت، آزار ۾ هوندو آهي.

(۲) واندن جي گهر ۾ مڇي مارڪيٽ وارو ڏيک.

### ۱۲۲. ماڻهو آ، مهل جو. (چوڻي).

انسان ڪامل يا ماڻهو اهو آهي جيڪو وقت / مهل تي ٻين جي ڪم اچي. ٻين جي ڪم نه ايندڙ جو، ڪائڻ پيئڻ به ڃڻ حرام آهي. منجهانئس هرڪو بيزار هوندو آهي. نه ڪيس ڪنهن جي دعا نصيب ٿيندي آهي ۽ نه ئي ڪيس ڪو خير جي صلاح ڏيندو آهي.

مطلب:

(۱) تڪليف ۾ ساٿ ڏيڻ وارا ئي، مانجهي مڙس هوندا آهن.

(٢) جيڪو مهل تي ڪم نہ اچي، ان جي ياري بہ بيڪار آهي.

(٣) هڏ ڏوکي اهو آهي، جيڪو وقت پوڻ تي ساٿ ڏئي.

### ١٢٣. ماڻهو جنهن جو مال، تنهن کي کهڙي ڳالهہ جو ڪال. (چوٽي)

جنهن ماڻهوءَ جي چئي آکئي ۾ ٻيا ماڻهو هجن ۽ تعزيم تکريم ڪندڙ هجنس، تنهن سان اللهﷻ جي مدد پڻ شامل هوندي آهي. جنهن مان مخلوق / ماڻهو بيزار هجي سو مالڪ کي بہ پسند ڪينهي.

مطلب:

(١) گهڻا ماڻهو جنهن جي خدمت ڪن، ان کي مال ملڪيت ڪٺي ڪرڻ جي کهڙي ڳڻتي؟

(٢) آوازِ خلق، نقاره خدا است. (فارسي)

### ١٢٤. ماءُ جي گود، پهريون استاد. (چوٽي)

ماڻهو، دنيا جي معاملات ۾ پوڻ کان اڳ ٻولي ۽ زبان هلائڻ ماءُ جي هنج ۾ سکي ٿو. ماڻهوءَ جي اصلي زبان بہ، مادري ٻوليءَ يا ماءُ واري ٻوليءَ کي چيو ويندو آهي. ماڻهو ڳالهائڻ وقت پهرين مادري زبان ۾ سوچيندو آهي، پوءِ ئي ترجمو ڪندي ڪنهن ٻي زبان ۾ ڳالهائيندو آهي.

مطلب:

(١) سکڻ جي شروعات، ماءُ جي گود کان ٿئي ٿي.

(٢) ماءُ ئي ٻار کي، ڳالهائڻ، ٻولهائڻ / ٻولي سيکاريندي آهي.

### ١٢٥. مٽيءَ مٽيءَ جو پنهنجو ميناج آهي. (چوٽي/ پهاڪو)

هر ٻنيءَ ۾ ساڳيو فصل، ساڳئي ذائقي ۽ خوشبوءِ سان نہ ٿو ٿئي. انب، ميرپور خاص جو، زيتون ماهوٽن جو، سڳداسي چانور گهوگهاري جو، باسپتي (ڪرنل) چانور پنجاب جو، ڏاڙهون قنڌار جو تہ صوف چمن جو مشهور آهي. منجهن اها خوبي، اتان جي زمين سبب آهي.

مطلب:

(١) هر ماڻهوءَ جو پنهنجو سڀاءُ آهي.

### ١٢٦. مردَ جيترو اُلجهندا، اوترو پُجهندا، عورتون جيترو اُلجهنديون، اوترو مُنجهنديون . (چوٽي)

مرد ۽ عورت جي پنهنجي پنهنجي نفسيات آهي. عورت ۾ حياءُ ۽ شرم هئڻ سبب، مُنجهڻ وقت پڇڻ جو

مادو گهٽ رهي ٿو. ان کان علاوه، عورتن ۾ ٻڌڻ جي پيٽ ۾ ڳالهائڻ جي عادت وڌيڪ هوندي آهي. جنهن سبب نه پوريءَ طرح رهنمائي ٿيندي اٿن ۽ نه سمورين ڳالهين جا لڪل پاسا مٿن ظاهر ٿيندا آهن. مرد جي پيٽ ۾ سدائين الجهيل هونديون آهن.

مطلب:

(١) مرد جنهن ڪم کي وچڙندو، تنهن کي سلجهائيندو. عورت جنهن ڪم ۾ اڙي، تنهن ۾ ڦاٿي پئي هوندي.

### ١٢٧. مڙس لاءِ زالون ڪوڙ. (پهاڪو)

مرد لاءِ زال ضروري آهي. عرت لاءِ به مڙس اشد ضروري آهي. ٻئي هڪٻئي لاءِ ڏکُ آهن. اجا به مرد ڇڙائپ واري زندگي گذاري ويندو پر عورت لاءِ ڇڙائپ عذاب آهي. ڪيس هر حال ۾ سگهرائپ واري ڏڪ جي ضرورت آهي. شرط اهو آهي ته مڙس، ڪمائيندڙ ۽ غيرت وارو هجي.

مطلب:

(١) ڪمائيندڙ مرد کي هرڪو سڱ ڏيڻ لاءِ تيار هوندو آهي.

(٢) سائي جو سيڪو سالو، پينگئي جو ڪو پيٽيويو به نه.

(٣) مانيءَ کي مزور گهڻا، مزور کي ماني گهٽي.

(۴) مڙسن جو، جتي ڪٿي قدر ٿئي ٿو.

(۵) جهڳا هووي، جوءِ مل ويسي.

### ١٢٨. مڙسن لاءِ ٻيلو به ٻرانگهون. (چوٽي)

پڪي ارادي ۽ همت وارا، مڙس ماٺهو آهن. اهي جڏهن ڪنهن ڪم ۾ هٿ وجهندا آهن، تڏهن خدا تعالي طرفان به کين مدد پهچندي آهي. جنهن سبب سندن هر ڪم، جلد پورو ٿي ويندو آهي.

مطلب:

(١) همت وارن لاءِ، هر ڪم آسان آهي.

(٢) همت مردان، مدد خدا.

(٣) پڪو ارادو ڪرڻ وارن لاءِ ، هر مشڪل ڪم آسان ٿيو وڃي.

### ١٢٩. مشغولي، ضابطي جي ڪنجي. (چوٽي)

مشغول رهڻ وارو پنهنجيءَ ڌن ۾ مگن هوندو آهي. نه ڪنهن جي ڪٿيءَ کي هٿ لائيندو آهي ۽ نه ئي

پنهنجو پٽ پٽائيندو آهي. واندن وانگر شيطانگيريءَ جا ڪم نہ ڪندو آهي. بلڪ جنهن ڪم ۾ مشغول هوندو آهي، ان ۾ ئي گم ۽ ضابطي اندر زندگي گذاريندو آهي.

مطلب:

(١) واندو ماڻهو، شيطان جو گهر.

(٢) پاڻ کي مشغول رکندڙ، پاڻ کي آپي ۾ رکندڙ هوندو آهي.

### ١٣٠. مڪو: پڪو. (چوٽي).

مڪي وارا هر ڳالهہ ۾ پڪا آهن. ڪفر ۽ شرڪ تي هيا تہ بہ پڪا ۽ ڪٽا هيا، جڏهن ايمان آڻي مسلمان ٿيا تہ بہ پڪا ۽ سچا مسلمان ٿيا. منجهن منافقي ڪا نہ هئي. اڄ بہ مڪي وارا ڳالهائڻ ۾ کهرا ۽ سڌا آهن. منجهن جوش ۽ جلال آهي. منافقي ناهي.

مڪي ۾ الله جَلَّ جو گهر آهي. فقط جلال ئي جلال آهي. مديني ۾ رحمة للعالمين آهي، اتي فقط نرمي ئي نرمي آهي.

مطلب:

(١) مڪي ۾ جلال آهي.

(٢) مڪي جا رهندڙ پنهنجي عقيدي ۾ پڪا آهن.

### ١٣١. موت مند ناهي، تائب ٿجي تڪڙو. (چوٽي)

حياتي، ڪنهن بہ وقت پوري ٿي سگهي ٿي. نہ ڊگهي حياتيءَ جي خوشفهميءَ ۾ رهجي ۽ نہ ئي گناهن جي دلدل ۾ پاڻ کي ان آسري تي ڏکي ڇڏجي تہ زندگيءَ جي آخري حصي ۾ توبہ تائب ٿيندس. زندگي ۽ موت جو ڪو بہ ڀروسو ڪونهي. ڪنهن بہ وقت موت اچي وارد ٿي سگهي ٿو ۽ زندگي ختم ٿي سگهي ٿي. اصل ابدي زندگي، آخرت واري زندگي آهي. ان جي هر وقت تياري ڪرڻ گهرجي.

مطلب:

(١) موت، ڪنهن وقت بہ اچي سگهي ٿو.

(٢) مرڻ لاءِ، عمر جو ڪوبہ حصو مقرر ٿيل ناهي.

### ١٣٢. مينهان ۽ نينهان، ٻئي اکر هڪڙو. (چوٽي)

مينهن جي وسڻ سان، زمينون آباد ٿين ٿيون ۽ موسمي لحاظ کان گرميءَ / گهُٽ ۾ گهٽتائي اچي ٿي. نينهن / عشق سان بہ ماڻهوءَ جي ڪيفيت / طبيعت ۾ ڦيرو اچيو وڃي. ڪيس دنيا جي هر شيءِ مان عجيب قسم

جو لطف ۽ سرور پيو محسوس ٿيندو آهي. نينهن پچاڻان، شاديءَ سان خانہ آبادي ۽ نسل جو وڌڻ ويجهڻ پڻ ٿئي ٿو.

مطلب:

(١) مينهن ملڪ ۾ ۽ عشق اندر ۾ بهاري آڻين ٿا.

### ١٣٣. مينهن ڪنڌي ڀلي، زال ننڍي ڀلي. (چوڻي )

مينهن ڀلي اها آهي جيڪا کير جالارو / ججهو ڏئي. ڪنڌي مينهن ٻين جي پيٽ ۾ کير جالارو ڏيندو آهي ۽ مِهر سان ڏُهائيندي آهي. مينهن جي مڙني نسلن مان، اها مينهن چڱي آهي.

زال اها ڀلي آهي، جيڪا مڙس جي خدمت ڪرڻ سان گڏ، اولاد ڄڻڻ جي صلاحيت رکي. اها خوبي نوجوان / ننڍي نيٽي زال ۾ ئي ٿي سگهي ٿي. وڏيءَ عمر واري پاڻ ڪٽڻ ۾ ئي پوري هوندي مڙس جي ڪهڙي خدمت ڪندي؟ ڄڻڻ جي خوبي پڻ گهٽ هوندي اٿس.

مطلب:

(١) مينهن ڏڻ مان، زال ڄڻ مان آڻجي.

(٢) مينهن يا زال، سٺي نسل مان ۽ ننڍيءَ عمر واري آڻڻ گهرجي.

(٣) اَنڌِ ونجي، مَنڊِ ونجي ، ٽُنڊِ ونجي، پر ٺَنڊِ ونجي.

### ١٣٤. ناداني، وڏي مفلسي. (چوڻي)

مفلس اهو ناهي، جيڪو سچو / نادار آهي. حقيقت ۾ مفلس اهو آهي، جيڪو پئسي کي صحيح طرح سنڀالي / استعمال نہ ٿو ڪري سگهي. بيوقوف ۽ نادان، آيل پئسو رکي نہ ڪائيندو آهي. ائين ئي زيان / ڌُڦ ڪري ڇڏيندو آهي. مٿان وري ڪمائڻ جي صلاحيت بہ نہ هوندي اٿس، جنهنڪري جلد مفلس ٿي ويندو آهي. ناداني / ذهني ناداريءَ سبب، ٻين جون همدرديون بہ وڃائي ويهندوآهي.

مطلب:

(١) عقل کان سواءِ، دولت هوندي بہ سڃ آهي.

(٢) سچي ۾ سچو ماڻهو اهو آهي، جنهن وٽ عقل ناهي.

### ١٣٥. نانگ کي مَنڊُ لڳي، ڳوهہ کي نہ لڳي. (پهاڪو)

نانگ، زهر سان ڀريل هئڻ جي باوجود بہ منڊجي سگهي ٿو. جڏهن تہ ڳوهہ بنا زهر هئڻ جي ايتري ضدي ۽ هٺيلي آهي جو مٿس ڪو بہ منڊ نہ چڙهندو آهي. نانگ مُرليءَ جي آواز تي ڦڻ ڪڍي نچي، جڏهن تہ ڳوهہ

موراڳو چپ هٽي ويهي رهي ۽ نہ نڪري.

مطلب:

(١) مرليءَ جي آواز تي نانگ ٻڌُ مان نڪري اچي، ڳوهہ نہ نڪري.

(٢) نانگ ريجهائڻ سولو، ڪرو ڪو ڳوهہ ريجهائي.

(٣) نانگ ريجهائڻ سولو، انسان ريجهائڻ ڏکيو.

(۴) اشراف مان ڪم ڪڍڻ سولو، بدمعاش مان ڪڍڻ ڏکيو.

## ١٣٦.	نانوائيءَ جي اڳياڙي، ڪاسائيءَ جي پڇاڙي. (چوڻي)

نانوائي يا هوٽل واري جو ٻوڙ جنهن وقت رجهي ٿو، ان وقت تازو ۽ سوادي هئڻ سبب، کائڻ ۾ لذيذ هوندو آهي. جيئن جيئن وقت گذرندو ويندو، تيئن ٻوڙ نرندو ويندو ۽ پهريَن گراهڪن واسطي، مٿان مٿان سٺي نڪرڻ سبب، ديڳڙي جي تري ۾ فقط بيسوادي پاڄي يا ڪاڳڙ ڪوڪڙ وڃي بچندي آهي. کائيندي پيٽ ۾ هٿ هوندا آهن.

ڪاسائيءَ جي ڪوشش هوندي آهي تہ پهرينءَ سٽ اهو گوشت هلائي ڇڏي، جيڪو سڄائي رکڻ جهڙو نہ هجي. چڱو گوشت، گراهڪن جي ڏيان چڪائڻ لاءِ تنگي يا لڪائي رکندو آهي. جيڪو آخر ۾ ميدان / اڏيءَ تي آڻيندو آهي.

مطلب :

(١) هر معاملي مان موقعي / مهل آهر فائدو ونجي.

## ١٣٧.	نظر، ماري يا ڪاري. (چوڻي)

نظر: نگهہ چڱيءَ شيءِ تي تيندي آهي. سهڻي ٻار جي چهري تي، مائرون ڪارو ٽِڪُ ان ڪري ناهي ڇڏينديون آهن تہ جيئن ڪين بدنظر نہ لڳي. عيبدار شيءِ کي، عيب سبب، نظر نہ لڳندي آهي.

نعمتن کان محروم ماڻهوءَ جي نگهہ لڳندي آهي. انهيءَ کان بچجي. ڪيس ڪجهہ نہ ڪجهہ ڏجي، يا کانئس پاسو ڪري وڃجي. ڪتن ٻلن جي بہ نظر لڳندي آهي. کائڻ وقت، ڪين گرهہ اڳوات ڪيڍي وجهجي تہ کاڌي پيٽ ۾ ويلو نہ پوي.

مطلب:

(١) بدنظر سان يا ماڻهوبيمار ٿئي ۽ عضوا ڪرنس، يا حياتيءَ تان هٿ ڌوئي ويهي.

(٢) بدنظر، پٿر کي بہ ڦوڙي.

(٣) چشم بد، دور.

(۴) ڪتي واري نگهہ، خراب.

### ١٣٨.	نہ مَتجڻ وارو، مِٽجي ويندو. (چوٽي)

دنيا جون حالتون، مسلسل تغير پذير آهن. حالتن سارو، ماڻهوءَ کي بہ تبديل ٿيڻ گهرجي تہ جيئن ماحول ۾ پاڻ کي ماپائي سگهي. جيڪو حالتن سارو، پاڻ کي تبديل نہ ٿو ڪري، سو پنهنجي ضد ۽ هٺ ڌرميءَ سبب، جتان ڪتان ٽُڏجي نڪري ٿو ۽ آخر فنا ٿيو وڃي.

مطلب:

(١) حالتن سارو، پاڻ ۾ تبديلي آڻڻ گهرجي.

### ١٣٩.	وڻ جي ڇانءَ ۾ هر ڪو ويهي، دل جي ڇانءَ ۾ ڪو ڪو ويهي. (چوٽي)

وڻ جي ڇانءَ هر هڪ لاءِ کليل آهي. انسان بہ ويهي تہ جانور بہ ويهي. فرشتہ- صفت بہ آساس وٺي تہ شيطان-صفت بہ استفادو ڪري. جڏهن تہ دل جي ڇانءَ يا قربُ ان کي ملندو، جيڪو پاڻ قرب ونديندو. مطلبي ۽ فريبي، خود غرض ۽ لالچي، ڪڏهن بہ دل ۾ جائگير نہ ٿو ٿي سگهي. جتي ڪٿي رسوا ٿئي ٿو.

مطلب :

(١) ٻئي جي دل ۾ جاءِ ناهڻ، ڏکيو ڪم آهي.

(٢) پيٽيو : لک جي ڇانءَ تي، ڪتو بہ ويهي.

### ١۴٠.	وڻ مان پَنُ ڇجي وري ڳنڍجي، سو ڳوري ڳالهہ. (پهاڪو)

وڻ ۾ پَنُ، قدرتي طرح ڦٽي ٿو، جيڪو هڪ دفعو ڇڄڻ ڪانپوءِ موٽي منجهس ڪين ٿو لڳي. دنيا ۾ ڪيترائي اهڙا ڪم آهن، جن جي ڪرڻ لاءِ ماڻهوءَ کي قدرتي طرح هڪ دفعو موقعو ملي  ٿو. جڏهن سستيءَ سبب، ماڻهو پنهنجي هٿان اهي موقعا وڃائي ويهي ٿو تہ پوءِ ساري عمر ڪيس پڇتائڻ ۽ هٿ مهٽڻ کان سواءِ ڪي ڪين ٿو ملي.

مطلب:

(١) آيل موقعو، هٿان نہ وڃائجي.

(٢) ڏٺو ڪير، ٽٽين ڪين پوندو.

(٣) ڇٽل / نڪتل تير، موٽي ڪمان ۾ نہ ايندو.

### ١٤١.	ويئي وٽ جو قدر ٿيندو آهي. (چوٽي)

جڏهن ڪوبہ موقعو هٿان ويندو آهي تہ موٽي اچڻ جي اميد نہ رهندي آهي تہ پوءِ ماڻهوءَ جي اندر ۾ آنڌ مانڌ ۽ لوچ پوچ پيدا ٿيندي آهي. ان وقت ويل شيءِ جي وڃڻ جو ڪيس شديد احساس ٿيندو آحي.

مطلب:

(١) وِيل وَيل، وري هٿ نہ ايندي آهي.

(٢) صحت جو قدر، بيمار ٿيڻ کان پوءِ ٿيندو آهي.

(٣) جوانيءَ جو قدر، ڪراڙو ٿيڻ کان پوءِ ٿيندو آهي.

### ١٤٢.	هَٿُ ڏِئي ، هَٿَ ڪي. (پهاڪو)

دنيا جي تختي تي، معاملا هر ڪنهن سان پون ٿا. جيڪو چڱائي ڪندو، تنهن سان چڱائي ڪرڻ لاءِ دل بہ گهرندي آهي ۽ هٿ بہ چيو ڪندو آهي. جيڪو برائي ڪندو آهي، تنهن سان برائي ڪرڻ لاءِ بہ دل ۾ آنڌ مانڌ هوندي آهي ۽ سندس ڪم ڪرڻ لاءِ هٿ پير بہ چيو نہ ڪندا آهن.

مطلب:

(١) جنهن جي هٿ مان وني ڪائبو آهي، تنهن لاءِ شناس ضرور هوندي آهي.

(٢) هَٿُ سجاڻي، هَٿَ ڪي.

### ١٤٣.	هرڪو، پنهنجي دل جو بادشاهہ آهي. (چوٽي)

جنهنجو حڪم هلي يا جيڪو حاڪم هجي، تنهن کي بادشاهہ چئبو آهي. هر ماڻهو، ٻئي جو چيو موڻائي سگهي ٿو پر پنهنجي دل جو چيو موٽائڻ ڪيس ڏاڍو ڏکيو لڳندو آهي. ڏکئي ۾ ڏکيو ڪم بہ، دل جي منشا تي ڪري ٻيهي رهندو آهي. ڪن حالتن ۾ دل جي ڳالهہ کي بہ ٽاري / دٻائي ڇڏيندو آهي. جنهن سبب ڪيس پنهنجيءَ دل جو بہ بادشاهہ سڏيو ويندو آهي.

مطلب:

(١) دل جي ڳالهہ ٽارڻ ڏکي ڳالهہ آهي.

(٢) هر ڪوپنهنجي مرضيءَ جومالڪ آهي.

(٣) دل ۽ بادشاهہ جي ڳالهہ، ڪير بہ نہ ٽاريندو آهي.

### ١٤٤.	هر هڪ ڏينهنُ، هڪ ننڍڙي زندگي آ. (چوٽي)

ڏينهنُ، جاڳڻ ۽ ڏنڌو وغيره ڪرڻ لاءِ هوندو آهي. حياتي، ڏينهن جي حساب سان ڪَٽِي ويندي آهي. جڏهن ته رات، آرم خاطر خلقيل آهي. ماڻهو ان ۾ سمهي پوي ٿو ۽ ننڊ کي موت جي ڀيڻ سڏيو ويو آهي. يعني رات بعد ماڻهو ننڊ ۾ مستغرق ٿيڻ سبب، مئل جي مثل آهي.

جڏهن ڏينهن ٿيڻ سان ماڻهو جاڳي ٿو تڏهن ڄڻ ٻيهر حياتي وٺي اچي ٿو. انهيءَ حساب سان هر هڪ ڏينهن، هڪ ننڍڙي زندگيءَ برابر هوندو آهي.

مطلب:

(١) هر ڏينهن کي، نئين سج نئون سمجهڻ گهرجي.

### ١٤٥.   هَرُ هلائڻ سولو، گهَرُ هلائڻ اولو. (زرعي چوڻي)

هَرُ هلائڻ وقت گهوبي ۽ اوڙ جو خيال ڪندي، هَرَ جو مُنيو مضبوط جهلڻ سان گڏ ڏاندن کي سنڀالي هلائڻ لاءِ متن نگاهه رکڻي آهي. جيڪا آزمودي سان آسان ٿي ويندي آهي. جڏهن ته گهرو معاملات کي هلائڻ لاءِ ٻاهرين مسئلن تي الڳ نگاهه رکڻي آهي ته اندرين تي الڳ. ٻاهريان مسئلا، ويندي ڪمائڻ ڪرڻ تائين، مرد کي خود نڀائڻا آهن. جڏهن ته اندرين مسئلن جهڙوڪ: سُئي سڳو، رڌُ پچاءُ وغيره کي سلجهائڻ عورت جو ڪم آهي. عورت به اها جيڪا، گهرو معاملات ۾ دل جي سچائيءَ سان هٿ ونڊائي ۽ جنهن کي يا خوف خدا هجي يا مڙس جي شرافت تي اعتبار هجي. ٻيءَ صورت ۾ گهر جو جنازو ئي نڪري ويندو.

مطلب:

(١) محنت ڪرڻ سولو ڪم، ڪمائي گهر جو انتظام هلائڻ ڏکيو ڪم.

### ١٤٦.   هَڙَ جي ماني، مٽي جو سُور. (پهاڪو/ چوڻي)

سفر جي دوران، ڪٿي ماني ملڻ جو امڪان هوندو آهي ته ڪٿي نه. ڪڏهن ڪڏهن ماني ته ملندي آهي پر پاڻ پوڻ يا نه پوڻ جو انديشو پڻ رهندو آهي. انهيءَ لاءِ ڪي مسافر، سفر جي دوران، ماني هڙ ۾ ٻڌي هلندا آهن. ٻڌل ماني، چوڙي ڪائڻ آسان آهي. جنهن وقت دل گهريو، ان وقت کولي کائي ڇڏي. ڪن حالتن ۾ وري ٻڌل ماني، رکي سَنِي نه ٿيندي آهي. هر هر ڀيو ڏانهنس خيال ويندو. ٻيو ڪم وسري ويندو، رڳو ماني کائڻ وار ڪم، مغز تي سوار ٿي ٻيهي رهندو يا موراڳو مٽي ۾ سور کٽي وجهندو. ان حالت ۾ هَڙَ واري ماني، مٽي جي سور برابر آهي.

مطلب:

(١) هَڙ دي ماني، مٽي دا سور.

### ١٤٧.   هستيءَ کي مستي. (چوڻي)

پنهنجي طاقت / بل تي هر ڪنهن کي ناز هوندو آهي. پيو دڙيون ٽپندو ۽ مستي ڏيکاريندو آهي. هستي / وجود وارو ئي، مستي ۽ موج، ڏيک ۽ ويک، شور ۽ شغل ڏيکاريندو آهي.

مطلب:

(١) وجود کي حيثيت آهي.

(٢) دستيءَ کي مستي.

(٣) ٽيڪ کي بيڪ.

### ١۴٨. يا ٽجي جوان، يا هجي جوانن جي ڪُلهي تي. (چوٽي)

بزدل ۽ ڪانئر تي رهڻ سان زندگي ته گذري ويندي آهي پر ڪا به عزت ڪين رهندي، ڏيهاڙي لٿي پئي هندي. عزت کان بغير، زندگي گذارڻ پڻ عذاب آهي. ان لاءِ بهتر آهي ته مڙس ماڻهو ٿي ڪري، پنهنجي زندگي عزت / شرافت سان گذارجي. پنهنجي پاڻ ۾لالڻ نه هجي ته پوءِ عزت وارن / اشرافن جي سايي ۾ رهجي. نه اهي پاڻ عزت ۾ هٿ وجهندا نه ٻئي کي وجهڻ ئي ڏيندا / سهندا.

مطلب:

(١) ڪوشش ڪري، عزت واري زندگي گذارجي.

(٢) يا ته مڙس ماڻهو ٿي ٻين جي ڪم اچجي يا مڙسن سان ياري رکي پنهنجي عزت محفوظ رکجي.